ڪرشنا
شري ڪرشنا او



رچناڪار - ڪمل پياسي



ڪرشنا - لو - ڪرشنا

ڪرشنا اُستتي

رچناڪار
ڪيولراماڻي ڪمل پياسي
احمدآباد.

سهائڪ
آنند آهوجا
ڪار، ممبئي

Gifted by:

Kamal Kewalramani "Pyasi"
A-9-53 Goyal Intercity
Drive-In Road Thaltej
Ahmedabad-54 Tel (079) 65224603

24-x-2010

دوست آنند آهوجا لاءِ

ڪشاديءَ دل وارو، سچائيءَ صدق جو سائين، نيمن ۾ ناميارو، ساھ
ونهارو، موھ ۽ ممتا جو آقا، ڀرپور جذبن وارو، ڏيڻ جو ڏاتار، اٿاھ
رشتيءَ وارو، هي پيارو سڄڻ، منهنجي من ۾ جڻ تہ آکيڙو ٺاهي
ينو آهي. سالن جو سنبنڌ اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم آهي، سڄاڳہ
هي ڀل انسان جي جسماني شڪتي گهٽيل آهي پر دماغي طور هو
ڙي مان اڄا، بہ صحتمند آهيون. ڪيڏو نہ دل جو شاھ آهي، جي
ڏائين پيو سڏ اونائي، رحمت تہ جڻ هن جي رڳہ رڳہ ۾ سمايل
ي. هو منهنجو ساهتيڪ سڄڻ آهي. هن منهنجين رچنائن کي
هيو آهي ۽ مون بہ سندس خيالن کي پرکيو آهي اِهو ئي سبب
ي جو هن اڳہ منهنجي جن ڪتابن جا ٻيا ڇاپا پنهنجي ٻل تي
ايا آهن اُهي آهن ”شري ڪرشنا امرت“ ”جپ صاحب“
نومان چاليسا“ ”جهوليلال چاليسا“ ۽ پوءِ وقت جي وٿيءَ کان پوءِ
هما گرو گرنٿ صاحب جي“ ۽ ”گنگا جو جل امرت امرت“ پويان
عام ۾ ڪافي پسند پيا آهن ۽ اُن آڌار مون کيس ڇاڻايو تہ مون
شن ليلا تي آڌار رکي هڪ دستخت تيار ڪيو آهي تہ ڪجھ سوچ
پوءِ هن فون دواران ڇاڻايو تہ ڪتاب موڪل تہ پڙهي ڏسان. اها
قت آهي تہ هو آڌياتمڪ ساهت وڪڻندو ڪين آهي اها سندس دل
وشالتا آهي.

ڪيئن بہ هجي هو دل جو شاھ آهي، هڏ ڏوکي آهي، روشن دماغ
۽ دل جو دلير آهي. مالڪ کيس سٺي صحت بخشي ۽ هن طرح
ساهتيڪ، ڌارمڪ، سماجڪ ۽ سيٻتڪ ۾ پنهنجو من مشغول رکي. مالڪ
اهڙي شڪتي ڏي. اسان جون هن لاءِ هر ويل شڀ اڇائون آهن.

ڪمل پياسي

شري ڪرشنا اُستتي

-اپياس-

رچيتا- ڪيولراماڻي ڪمل پياسي
پتو : اي-٩-١٥١/٥٣، گوهل
انٽرسٽي، ڊرائيو-ان روڊ، ٿلتيج،
احمدآباد - ٣٨٠٠٥٤.
فون : (گهر) 079-65224603
(ليکڪ جا مڙيوئي حق واسطا قائم)
ڇپائيندڙ : آنند آهوجا
پتو : ا، 'امبر ڪرافٽ'
٢١٥، ڊاڪٽر امبيڊڪر روڊ،
کار، ممبئي - ٤٠٠٠٥٢.
فون : 022-26481464
سال : ٢٠٠٩
ڇاپو : پهريون
ڪاپيون : ١٠٠٠
ڇپيندڙ : ايشورداس جادواڻي
'راجو پرنٽرس' اسٽيشن روڊ،
اُلهاسنگر - ٤٢١٠٠٣.
فون : 2560719-2707846
موبائيل : 9320170599
پيٽا : شرڌا، پريم ۽ شڌ ڀاونا
(جيجل سنڌي ٻوليءَ جي شان ۾)

وشئہ سوچي

١. اُهو ئي ڪرشن آهي-آزاد نظم
٢. ليکڪ ۽ سهائڪ
٣. ڀڳوان شري ڪرشن جي جنم
٤. دوارڪا ٻيٽ ۽ سنامي زلزلو
٥. ڀڳوان ڪرشن جو ٻٽو روپ
٦. ڪرشن سمرٿ سان پرپور پيار
پائجي ٿو
٧. موهہ مڏ ڀريو گوپين جو
٨. راڌان سان ڪرشن جو بي پناهہ
٩. ڪرشن جو انوکو لڳاءُ
١٠.ڪرشن آهي مکتيءَ جو اوتار
١١.ڪرشن تارڻهار
١٢.ڪرشن هڪ قابل نرتيہ ڪار
١٣.ڪرشن ۽ آڳاٽي شروعاتي جيو
۾ سنساري سنبند
١٤.آڙي بين وارا
١٥.مهاڀارت ۾ آنتردرشٽيءَ جا سو
١٦.آدي گرنٿ ۾ ڪرشنا اُستتي
١٧.رام ڪرشن مهما ۽ ڏياريءَ جو
١٨.ڪرشن جو وچتر نموني ۾ درد
١٩. تنهنجي رحمت سڀ لاءِ نعمت
٢٠. آءٌ هوند تہ بہ آتم وشواس

رات اُگهاري اُپ جي هيئان گيتن سان من وندرايان،
ريت پريت بہ منهنجي آهڙي، مان پياسي هر پل وياڪل.
-ڪمل پياسي

ستگرو سوامي منگلنات صاحب



بابا سائين



ديوان سيتلداس سلامتراءِ آهوجا

ٻه اکر

زمانو بدلجي چڪو آهي، اڄ ڪالهه جي زماني ۾ هرڪو لالچ و...
ٿي غلط يا صحيح طريقي سان پئسا جوڙڻ ۾ لڳو پيو آهي پر اسان...
ساهتيڪار ۽ ليکڪ دوست غربت ۾ به پاڻ پتوڙي سنڌي ٻوليءَ ...
بچائڻ ۾ لڳا پيا آهن.

اسان جو يار ڪمل ”پياسي“ پڻ اُنهن مان هڪ آهي. ساهت سر...
جي ڪاريه ۾ لڳل آهي. گذريل ڏهن ٻارهن سالن کان وٺي هو اڌياتم...
ساهت لکڻ ۾ جٽي ويو آهي - ”هنومان چاليسا“ جا ڇهه ڇاپا، گيـ...
گرو گرنٿ صاحب جي مهما، جپ صاحب ارٿ سان ”گنگا جل امر...
امرت“ لکي ڪري پڙهندڙن جي روح کي اتي آنند ڏنو آهي ۽ ...
صاحب ۸۰ ورهين کان پوءِ به آرام ڪرڻ نٿو چاهي ۽ پيو ٿو لکي ۽ لک...
ٿوري وقت کان پوءِ وري فون ڪندو ته ”آنند، مون هڪ نئون ڪت...
لکيو آهي ۽ توکي ڏيڻو وڃندو.“ مان به هن جو هم عمر آهيان ۽ گذر...
ڇهن ڏهاڪن کان هڪ ٻئي سان جڙيل آهيون ان ڪري هن يار کي انڪـ...
ڪري نه سگهندو آهيان.

ٻچاڙيءَ ۾ سائينءَ در اها ٿي وينتي آهي ته هيءُ دوست وڏ...
ويجهندو رهي ۽ اهڙو آنند پريو ساهتيه پڙهندڙن کي ڏيندو ر...
جنهنجي اڄ جي زماني ۾ سخت ضرورت آهي.

آخر ۾ راجو پريس جي مالڪ شري ايشورداس جادواڻي ۽ راجو جادواڻـ...
جا شڪرانا ٿو مڃيان جن ڪفايتي اگهه ۾ سٺي گيٽ اَپ ۾ ڪتاب ڇپي ...

شيوا ۾
آنند آهوجا
۱، ”امبر ڪرافٽ“
۳۱۵، ڊاڪٽر امبيڊڪر روڊ،
کار، ممبئي - ۵۲.
فون : ۲۶۴۸۳۸۵۸ - ٦۴۸۱۴٦۴

آزاد نظم

اِهو ئي ڪرشن آهي



و آهي مون ڪرشن کي،
ڌن کي پاتو آهي.

ت مان جيون مرتيو کان،
ه نه دنيا لاءِ ڪپي،
ڄاتو آهي ڪرشن کي،
ڌن کي پاتو آهي.

مون وٽ ڪجهه به نه آهي ڪين،
پوءِ چوريءَ جو ڏپ ڇا لاءِ،
هونٽن تي هن جو آ نالو،
مون ڄاتو آهي ڪرشن کي،
رتن ڌن کي پاتو آهي.

سچ جي ناءَ تي سفر ڪندي،
پرپوءِ مونکي قبوليو آهي،
سندس اَننت ٻاجهه سان،
مون ڄاتو آهي ڪرشن کي،
رتن ڌن کي پاتو آهي.

ميران جو پيارو گرڌر ناگر،
سندس شان ۾ مان ٿي ڳايان،
مون ڄاتو آهي ڪرشن کي،
رتن ڌن کي پاتو آهي.

جڳ ۾ جيڪو پرسڌ آهي،
منهنجي ڪاڻ اُهو ئي آهي،
مون ڄاتو آهي ڪرشن کي،
رتن ڌن کي پاتو آهي.

اَنواد : ڪمل پياسي

(امڙ)



شريمتي ڪشور ٻائي سيتلداس آهوجا

(ڌرمپتني)



شريمتي مِيرا آنند آهوجا

ڀڳوان شري ڪرشن جي جنم پتري

جڏهن ڪوبه اوتار هن ڌرتيءَ تي قدم ڌري ٿو ته سندس ڪاريه
ي ڪٽ اڳ ئي ٿيل هوندي آهي. جوتش اڻ لاءِ گواهه آهي. شري
روڻ ڪي. ڀونشال جو ڀارت جو ڪامپيوٽر جوتشي آهي اُن جو چوڻ آهي
، ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم ٢١ جولاءِ ٣٢٢٨ (عيسوي صديءَ کان
ه) تي ٿيو. اِئين ته ڪرشن جو چتر ڀارتواسين جي چت تي، هميشهه
تريل ئي هوندو آهي جيڪو هڪ روحاني وشواس ۽ شرڌا جو چتر هوندو
ي. اِئين ئي سندس درشن منش جي خون ۽ ماس ۾ پرگهٽ ٿيل
ئبو آهي. يشودا جي گود ۾ هن لاڏلي جي ڇني ڳاين جي واڙي ۾،
رگ جي حاضريءَ ۾ ٿي، جنهن کي ٥٠ صديون گذري چڪيون آهن.
ماضيءَ جا ته کولڻ کو سؤلو ڪين آهي جو ته ممڪن آهي ڳڻپ
ڀل به ٿئي. اِن ڪارڻ ڀنشال پنهنجي ڳڻپ جو آڌار ليو گولڊ
(Leo Gol) يعني ڪنيا ۽ پام ڪامپيوٽر (Palm Computer) جي سهاري
ن آرنڀ ڪيو. هن نکشترن ۽ گرهن جو پورو اڀياس ڪيو جيڪي ان
ي هوندڻ پنهنجي ئي گروهه ۾ لپيٽيل هجن هان.
ڪيس صرف جنم جي تاريخ ئي ڪڍندي هئي ۽ ٢١ جولاءِ ٣٢٢٨
(B. جي آڌار تي هن جي جنم پتري لکي ٿي آئي. ڪرشن جو
م روهڻ نکشتر ۾ هندو ڀادر (بدو) مهني ۾ ٨ ڏينهن رات جه چنڊ
ي گهٽيل آڪار وقت ٿيو. ڀنشال جي چوڻ انوسار سندس هن طرح جو
يل سنڌو، جنم تاريخ ڳولهڻ لاءِ سنو ذريعو بڻيو. هن ڪرشن جي
ٿيو تاريخ ٢ فيبروري ٣٣٥٤ (B.C) جي پٽ وٺي، ماضيءَ ۾ جهاتيون
يندي جنم تاريخ طئه ڪئي ۽ هن تاريخ جي اوٽ تي ڀنشال شريمد
ت گيتا، وشنو پراڻ، آڳاٽا هندو ڪئلينڊر ۽ مهاڀارت جا مثال هٿ
ندي ڪيس هڪ اهڙو سلوڪ هٿ لڳي ويو جنهن موجب وشنو پراڻ جي

پنهنجي سچائپ

چوڌر جو ڪجهه ڏسندو آهيان،
سوچي اُن تي لکندو آهيان.

خوابن کي لفظن ۾ بدلائي،
روپ علحدو ڏيندو آهيان.

اُڏي جڏهن آڪاس وچان ٿو،
تارن سان گڏ رهندو آهيان.

غرق ٿي گهري ساگر ۾ مان،
سپ جا موتي ڪڍندو آهيان.

ڪين ستايان، ڪين دکايان،
آننت ۾ ئي هوندو آهيان.

تو مون جهڙو مان اِنسان،
پوءِ بہ علحدو لڳندو آهيان.

من ۾ مونجهہ، پياس اَندر ۾،
ڪومل دل جو شاعر آهيان.

نالو منهنجو **ڪمل پياسي**،
سڀ کي مانُ ڏيندو آهيان

آنند جو آنندميہ روپ

هن کي پنهنجي آهہ سچائپ
۽ الڳہ ٿس گهري ڏاهپ

هن جي هستي درشٽي پنهنجي
ڪين اَجائي ڪنهن سان گپ شپ

اِنسان روپ ۾ آهي مرشد
سندس علحدي آ پنهنجائپ

هڪ جهڙو وهنوار سڀن سان
اوگڻ هن جي لاءِ اَياڻپ

هتي هٿي پڪڙي پنهنجائي
آهوجا جي اِها سچائپ

اصول آنند آهوجا

غم جي اوندهہ قائم ناهي
خوشي بہ ايندي آخر ڪنهن پل

چاهت پيار جي پاشا آهي
اَنمول لفظ اُنهيءَ ۾ پوتل

آنسن ۾ جڳہ بڏي بہ ويند
پياسي تمنا پوءِ نہ گهايل

(ڪمل پياسي)

جي گهيري ۾ رهندو، البت راڌا هن جي پرم راڻي ٿيندي. جيتوڻيڪ ڪيس ١٩١٠٨ پتنين جو لاڀ ملندو پر جيئن ته ٧ گهر ۾ ورشڪ (Scorpio) جو به اثر آهي ان ڪري سندس وواهڪ جيون خوشميه رهندو. هو سيني کي خوش رکي سگهندو ۽ هر ڪنهن سان هڪ جهڙو ورتاءُ رکندو.

چنڊ تي ورشڪ (Taurus) گرهه جو اثر هئڻ ڪارڻ سندس موهيندڙ صورت ۽ عاليٰ شخصيت ٻهڪندي رهندي. ٥ گهر ۾ جوپيٽر (Jupiter) ۽ مرڪيوري (Mercury) جي پهچ ڪارڻ ڪيس سياڻپ ۽ مٺي ٻولڻ جو فن عطا ٿيندو. هن گهر ۾ ڪيتو هئڻ ڪري ڪيس شهرت ۽ شڪتي پراپت ٿيندي ۽ هيءُ گرهه ڪيس پنهنجي جنم آستان کان پري جيون گهارڻ لاءِ مجبور ڪندا. ڪي اهڙا سوال به حاصل ٿيا آهن جن ۾ ڄاڻايل آهي :

”ڪيس چهري تي چمڪ، اکين ۾ تيج ۽ موهيندڙ مشڪ عطا ٿيندي.“

”ڪيس سنگيت، سهائي ۽ سمرتيءَ سان چاهه رهندو.“

ڀڳوت گيتا ۾ ڪرشن جي جنم پتريءَ جو درشيه مليو آهي. ان ۾ ورنن ڪيل آهي ته هئڙن گرهن جي اثر هيٺ ڄاول شخص ڪرم ۾ وڏيڪ وشواس رکندو ۽ هر ڪنهن کي ڪرم ڪرڻ ۾ سهڪار ڏيڻ لاءِ آگاهه ڪندو رهندو.

گرهه اِهو به ڄاڻائين ٿا ته هو سدگٽي هوندي به ڪن ڳتيل گرهن ڪارڻ زندگيءَ ۾ جدوجهد ڪندو رهندو. اهو مارس ۽ وينس جي اثر ڪري ڪيس ٻڌ ۽ لڙاين کي منهن ڏيڻو پوندو. جيئن ته جپيٽر ۽ ليو ۾ لين ٿيل آهي اِن ڪري هو پنهنجيءَ ماتا يا ماتائن کان الڳ رهندو.

سال ٢٠٠٢ع جي جنماشٽميءَ جي ڏينهن (ڪرشن جنم دن) جڏهن سومناٿ مندر ۾ ڪرشن جي جنم پتريءَ جي ڳالهه ڇيڙي ويئي ته مندر جي مهنت جي ڪيل کوج کي داد ڏنو ۽ چيو ”بنارس ۾ هڪ پنڊت شري آنند سرسوتيءَ به ساڳيءَ طرح کوجنا ڪئي آهي ۽ هو به ساڳيءَ تاريخ تي پهتو آهي“. (هيءُ احوال هن رچنا کان پوءِ الڳ ڏجي ٿو)

ڀاڱي ۲۸ ۾ چيل آهي تہ ڪرشن جي جيون سماپتيءَ سان ڪلجڳ
آرنڀ ٿيندو.

شريمد ڀاڳوت پراڻ جي ۱۱ حصي جي ٦ ڀاڱي موجب هن جاٽي و
تہ برهما پاڻ ڪرشن کان سوال ٿو ڪري تہ سندس آيو ڪيتري آه
برهما چوي ٿو تہ ڪرشن جو جنم ولندي، کيس آيوءَ جا ۱۲۵ سال
آهن. هي سڀ ڪرشن جي مڪتي ڌام واپس پڌارجڻ جي يوجنا آنو
آهي.

هنن ڳالهين جو ثبوت ڳولهڻ تہ ممڪن ڪين آهي پر ڪلجڳ
شروعات ۳۱۰۲ تي ٿي، اهڙو ثبوت ڪيترن ئي ٽيڪن ۽ جوتش گرن
مان ملي ٿي. سال ۲۰۰۲ عيسوي صديءَ تائين ڪلجڳ جا ۵۱۰۵
نبڙي چڪا آهن. هن ڳالھ تي وشواس اِن ڪري بہ ڪري ٿو سگهج
جو ماهر حسابي شخص آريہ ڀاٽيا جي ڳڻپ وديا پندار آريہ ڀ
(Arya Bhatiya) ۾ ان جو ورنن آهي، جيڪو سوريہ سڌانت موجب ڳ
کان ۴۰۰ (AD) جي اَوائليءَ ۾ آهي ۽ اَهڙو هڪ حوالو ۵ صديءَ
اهيحول (Ahihole) مندر جي پٿرن تي بہ اُڪريل آهي.

شري ڪرشن جي مرتيو تاريخ مان ۱۲۵ ڪٽي پنشال تخميمو
تہ ڪرشن يا تہ ۳۲۲۷ يا ۳۲۲۸ تي ڄائو هو. باقي موجودھ يگ
گرهن جي مشيني اوزارن دواران تپاس ڪندي کيس جن اديو
۽ تيقتن جي ڄاڻ ملي تن کي چٽيءَ طرح سان ظاهر ڪرڻ لاءِ اجا
ٻس ڪجھ وقت گهرجي.

ڇا سچ پچ جوتش دواران ٻرڪي ٿو سگهجي تہ جنم ورتل م
۽ سنجي زندگي ڪيئن جي سگهندو؟ پنشال جنم تاريخ جي آڌار
۽ سر ڪندلي بہ تيار ڪئي آهي جنهن ۾ پورو احوال ۱۵ صفحي
۽ مايل آهي ۽ ڪرشن جي پريم ليلا، شڪل شبيھ، شخصيت ۽ ياتر
۽ ٻت بہ ورنن آيل آهي. سئٽرن (Saturn) ۷ گهر ۾ هئڻ ڪري هو گو

هي اُها ڏارمڪ ڪوجنا جي حوالي ۾ اڌوري ڳڻي تي سگهجي، جيسين وري ۽ پڪي خاطري حاصل ٿي نہ سگهي آهي. ديوتائن ڪي پنهنجا نديءَ پڇاڙيون آهن ۽ هو بہ چاهين ٿا تہ اسين پنهنجي من جي وربنين جو سهارو وٺي ڪين گهرائيءَ سان جاچيون ۽ ڪنهن بہ ڏنڌيل لوري ڪانچ جو سهارو نہ وٺون.

ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم ۽ مرتيو

واقعي ڀڳوان اوتار ڌاري، دنيا کي پاپن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ئي رشتيءَ تي قدم ڌريو ۽ گيتا دواران هن لوڪن کي پوتر پيغام ڏنو ۽ ۽ ئي دنيا مان ڪشٽن ۽ براين کان دور ڪري موٽي الڪہ ڌام ڏانهن وانو ٿيو. ان طرح هُن هِن پرٿويءَ تي ۱۲۵ سال، ۷ مهنا ۽ ٦ ڏينهن هي ۱۸ فيبروري ۳۱۰۲ (B.C) تي هن پرڀاس پاٽڻ (ڪاٺياوار-گجرات-اڻ سوراشٽريہ) ۾ هرڻ نديءَ جي ڪپ تي پنهنجا پراڻ تياڳيا. سندس رڳڏام رواني ٿيڻ جو پورو وقت منجهند جا ۲ لڳي ۱۴ منٽ ۽ ۳۰ يڪنڊ. هيءَ حقيقت هڪ پڙهيل مقالي دواران درسائي ويئي آهي يڪا سومناٿ پرسان پرڀاس پاٽڻ ۽ جنماشٽمي منگل ۵-۹-۲۰۰۴ تي اهر ڪئي ويئي.

”وشنو پراڻ“ ۽ ”ڀڳوت گيتا“ ۾ آيل آهي تہ مهاڀارت جي لڙائيءَ کان ۳ سال پوءِ ڪرشن دوارڪا کي الوداع ڪيو ۽ وري اُتي واپس ڪين آيو. متسيہ پراڻ“ ۾ آيل آهي تہ جڏهن ڪرشن يد ٿي ڪئي تہ سندس اُن ت عمر هئي ٦٩ سال. ”مهاڀارت“ ۾ اِئين بہ آيل آهي تہ جيئن ئي رشن پرلوڪ پڌاريو تہ ڪلجگہ جو يگ شروع ٿيو جنهن کي هاڻ ۲۰۰) ۾ ۵۱۱۰ سال ٿي چڪا آهن.

هنن حقيقتن جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ هاڻ اِهو طئہ ڪيو ويو آهي تہ سال ۱۹ اَپريل تي ڪرشن جي ورسي ملهائي ويندي جنهن جي وعات ۲۰۰۵ کان ٿيندي. پارٽي ڪئلينڊر انوسار چيٽ جي مهني جو ون ڏينهن ٿو ٿئي.

★★★

هن طرح ڪيل ڪوجنا جي سلسلي ۾ پنشال اُنهن جوتشين، رشين
وگيانين، گڻت شاسترين ۽ ليڪن لاءِ اِهو ٿي چاٽايو آهي تہ اُنهن سڀني
آريہ ڀاٽيا جو سڀہ ولي ڪوچ ڪندي ساڳي نتيجي تي پهتا آهن. هنن سڀ
بہ ساڳين ئي شاسترن جا حوالا ڏنا آهن، خاص طور مهاڀارت جي يڌ جو ور
آهي جڏهن ڪرشن جي عمر ٩٠ سالن جي هئي اُنهن جي نڪشتر گيان س
گڏ چنڊ ۽ سج گرهن جو بہ ورنن ڪيل آهي. جيڪي يڌ کان ڪجهہ ڏين
اڳ ٿيا. البت هر ١٥ ڏينهن جي ڦيري بدران ١٣ ڏينهن ۾ چنڊ جو
گهٽجڻ لڳو، نہ رڳو ايترو پر مهاڀارت جي يڌ کان پوءِ ٣٦ سالن تائين آ
ساڳيو سلسلو جاري رهيو ۽ ڪرشن جي مرتيو کان پوءِ ئي آهڙي ڦير گ
جو اُنت آيو.

ڪيترن ئي ڪوجنڪن مهاڀارت جي يڌ ڪي مهتو ڏيئي نڪشتر جو آ
ولي ڪي تاريخون طئہ ڪيون آهن. جنهن دوران وشو جي ٨ اوتارن جو ور
لو اُچي. البت ڪيترين حالتن ۾ طئہ ٿيل تاريخن تي ردقد بہ ٿيو آه
البت سوامي پرڪاشنند سرسوتي جيڪو (tory & The Religion of India
(The True ڪتاب ۾ لکيو آهي اُن ۾ پنشال جون طئہ ڪيل تاريخون م
ٿيون ڪائين.

مهاڀارت جي ڀاترن ۽ وارتائن بابت الڪل ١٥٠ نڪشترن جا ح
موجود هوندي بہ الڪل اڌ لک سلوڪن جي اندر اهڙي ڪا پڪي ج
حاصل نہ ٿي آهي جنهن دوران گهرائي ۽ سان ڪجهہ طئہ ڪ
سگهجي تنهن سان گڏ هيڏي لنبي سمي درميان شاستر جي حوالن
بہ جوڙ ڪٽ تہ ٿيندي رهندي آهي. ان ڪري اِهو چوڻ مشڪل آ
تہ ڪهڙي ورهيہ ۾ ڪهڙي واردات ٿي ۽ نہ وري اهڙين وارداتن
وهي مقرر ڪري ٿي سگهي. جن جن ڪوجنا ڪندڙن ڪي ڪرشن با
حوالا هٿ ۾ آهن اُهي بہ اجان شش پنج ۾ آهن، جو تہ ڀڳرن
اُڪريل اُهي حوالا بندرابن جي ڪرشن بابت آهن يا مهاڀارت
ڪرشن بابت آهن. تنهن هوندي بہ جن تواريخ دانن جاڻ حاصل ڪ

پرانتڪ آرڪيالاجي خاطي جي نيايڪ واء.ايس. راوت جو وشواس آهي تہ ”اوائلي دوارڪا اُتر سوراشٽريہ جو مکيہ شهر بوندي ايڪ (Bonde Aech) جيان ي سُناميءَ جو ڀوڳہ بڻيو هوندو. ائين بہ آهي تہ اڳہ هن طرح جي لزلي کي سُنامي ڪري نہ سمجهيو ويو هوندو، جنهن ڪارڻ ائين چوڻ ر ايندو هجي تہ ڀاري ڀينڪر ڇولين دوارڪا کي ڳرڪائي ڇڏيون“ ان جي ثابتيءَ لاءِ هو چوي ٿو ”اڄ جنهن دوارڪا سمنڊ جي وير لهڻ وقت راپا سنسڪرتيءَ واريون جي چيزون مليون آهن اُهو اُن جو ئي ڪارڻ هي.“

شارڊا پيٺ دوارڪا جي سيڪريٽري سوامي سدانند سرسوتيءَ جي چوڻ وسار ”دوارڪا کي برابر سمنڊ جي ڇوهہ ڀريل ڇولين ڪارڻ نقصان پهتل هي، گيتا ۾ ايڪادس شڪنڌ جي حوالي اَنوسار ڀڳوان ڪرشن دوارڪا جي ڪن کي آگاهہ ڪيو هو. ور ور سمجهائيندو ٿي رهيو تہ هو جڏهن هن رشٽيءَ جو سفر پورو ڪري وئنڪٺ ڌام واپس ورندو تہ دوارڪا ۾ ڪوبہ نش ڪين هوندو. سمنڊ دوارڪا کي نيست-و-نابود ڪري ڇڏيندو، ان ري ئي هن ٥٦ ڪروڙ يادون کي دوارڪا ڇڏي وڃڻ لاءِ اڳہ ئي آگاهہ ڪيو و.“

★★★

نرڀئہ پڻو، هردي جي شڌي، اِسٿر بڌي، اندريون روڪڻ، تپشيا، اهنسا، سچ ڳالهائڻ، تياڳہ، شانتي، چغلي نہ هڻڻ، نندا نہ ڪرڻ، دياءَ دان ڪرڻ، لوڀ نہ ڪرڻ، ايمان نہ ڪرڻ، پوترتا اِهي ديوي سمپتي گڻ آهن.

پاکنڊي، ايمان، ڪنورتا، اگيان وغيرهہ اُهي آهري سمپتي گڻ آهن.

ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ اُهي ٽيئي نرڪ جا دروازا آهن، شاسٽر جي وڌيءَ موجب سٺا ڪرم ڪرڻ گهرجن.

(تاتپرج گيتا-اڌياءُ سورهون)

★★★

دوارڪا ٻيٽ - سُنامي زلزلو

٢٦ ڊسمبر ٢٠٠٤ جي ڏينهن جڏهن ڀيانڪ زلزلي ''سُنامي'' ...
نالي سان هر ديشواسيءَ جي من ۾ ڀئه پيدا ڪيو. ڀارت جي ساموند...
ڪناري تي هنڙو ڀيانڪ زلزلو اڳ به ٿيڻ جو شڪ آهي. خاص طور گجرا...
جي ساموني ڪناري تي ۽ ممڪن آهي ١٥٠٠ (B.C) ڌاري دوارڪا ...
سارو شهر سمنڊ هيٺ اچي ويو هجي، جنهن جي کوج تجربيڪا...
دواران ڪرائيندي آڳاٽي رهائش جا ڪي اهڃاڻ هٿ ڪيا ويا آه...
جنهن ڪري چئي ٿو سگهجي ته سُناميءَ جهڙو ساموني زلزلو ٿ...
ناممڪن ڪين آهي. مهاڀارت ۾ به اهڙو حوالو ملي ٿو، جڏهن سم...
ساري شهر کي گهيري ويو. شري ڪرشن جي ديهه نرواڻ کان پو...
خاص طور جڏهن ارجن، ڪرشن جي پوٽن کي هستناپور ڇڏڻ ويو ه...

گوئا جي (National Institute of Oceanography) جي مشهور ساموند...
کوجنڪ (Marine Archealogist) ١٤ سال دوارڪا ۾ رهي اُن کوج جو ڪ...
هٿ ۾ ڪنيو آهي ۽ پوءِ بئنگلور ۾ هن پريس پڌرائيءَ دواران ظاهر ڪ...
؛ ''اسين اِهو ڪڏهن به وساري نه سگهنداسين ته دوارڪا جو شهر آڳ...
زماني ۾ ڪنهن سمنڊ جي 'سنامي' ڀوڪمپ ڪارڻ پاڻيءَ هيٺ اَچي ن...
آهي. اهڙا سلوڪ به ملن ٿا جن ۾ هنڙي اوچتي زلزلي جو ورنن ڪ...
آهي.''

ڀڳوت پراڻ ۾ آيل آهي ''هي اوچتو زلزلو جڳڪ اجل جي نرتيه ج...
هو. پادون ڪي اُتي هڪ سيڪنڊ به ترپٽو ڪين پيو.'' ان جهڙو ئي سنا...
جو ڀينڪر روپ دوارڪا ۾ اڳ پرگهٽ ٿيو هو، هاڻ به نظر اچي ٿو.

ائين به چوڻ ۾ ايندو آهي ته هنڙي ڀينڪر درشيه جا ٣ حوالا، ه...
ونش، متسيه پراڻ ۽ ڀڳوت گيتا ۾ آيل آهن. جنهن دوارڪا کي خالي ڪ...
۾ ٧ ڏينهن لڳي ويا هئا، پوڙ هيٺ اچڻ کان اڳ اگر اسين سمجهو...
دوارڪا سُنامي ڪارڻ پاڻيءَ هيٺ اچي ويو هو ۽ سمنڊ ۾ وقت به وقت...
گهير ايندي رهي ته سُناميءَ کي سمجهڻ آسان ٿي پوندو.

يندو. ڀڳوان ڪرشن پنهنجن شردالن کي ائين ڀائيندو هو ڄڻڪ هو سندس
ي آهن. هو به اڪثر ائين چوندا هئا ”ڪرشن به هڪ اسان جيان ئي آهي،
و هڪ مهان نيتا آهي، اسان لاءِ اوچي درشٽيءَ وارو اپينيتا آهي.“ برج
ڪرشن به اُهو محسوس ڪيو ٿي ته هو ته وشو ۾ مذرتا ۽ مناس جو ڀلاءُ
ڪري رهيو آهي. ساري سرشٽيءَ جي مذرتا سان هو پورڻ آهي جنهن ڪري
ندس ويچارن ۾ هميشهه سنيهه، سک ۽ صدق رهي ٿو.

برج ڪرشن اِهو محسوس ڪيو ته هن کي ائين ڪرڻ ڄڳائي، جيئن
ش جو هميشهه سماج ۾ وڏ ۾ وڏ شيوائن سان سواگت ٿيندو رهي ۽ پاڻ
ان طرح سواگت ڪندو رهي. اِن ڪارڻ هن حمڪران جو پارٽ به ادا ڪيو
ن پاترتا جي ڪارڻ ئي ڪنس جو اِنت آيو.

پارسارٿي ڪرشن عام لاءِ اُهو ڪجهه ڪيو جنهن ۾ هر منش جاتيءَ جو
ه هو، هو ته صرف هدايت ئي ڏيندو هو ”پنهنجا دنيوي فرض پوري
ماهه سان نڀائيندا رهو، پوءِ به پنهنجا شخصي ويچار ۽ خيال پرم پرش
انڪائي رکو.“ ڪرشن کي لوڪن جي چريتر کي موڙي ڌرم راجيه جو
پاڻ ڪرڻو هو، جيئن جنتا لاءِ هميشهه سک، سهڄ ماڻي پارسارٿيءَ کي
ان ذات لاءِ من ۾ اتيهه قرب هو، هن چاهيو ٿي ته لوڪن کي بي مطلب
ئڻ جي روايت جو خاتمو اچي هرهڪ کي سهڪاري اصول تي پوڙهيو
ڻ گهرجي، جيئن جيئن هو پاڻ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو قدر ڄاڻي
ن، زندگيءَ ۾ اڳتي وڌي سگهن، ڇو ته جيستائين ارادو مضبوط نه آهي
ق ڪڏهن به پرپل ٿي نه سگهندو.

پاندو ئي هئا جن ڪرشن جي دستوري وهنوار کي صحيح طرح مڃيو،
ون لاءِ هو سندن سڳو هو، دوست هو، همراهه هو، سندس ويجهو ۽ پيارو
هو. پارسارٿي ڪرشن ڌرم جي ڀلاءُ لاءِ ڪاريه ڪيو. هن مانو ڌرم جو
ر ڪيو. ڪرشن کي ان ڪري ڌارمڪ درشٽيءَ وارو ڪري سڃاتو ويندو
ڪنداري به پنهنجن پٽن کي اِهو سڀ سمجهايو جڏهن هو پاندون سان
رڻ ٿي ويا ”جتي جتي ڌرم جو ڀلاءُ آهي اُتي ڪرشن جي حاضري
۽ جتي به ڪرشن حاضر آهي اُتي فتح جي خاطري آهي.“ انڪار
ته هو سکيو ئي ڪين هو. هو ڪاريه ڪرڻ ۾ وشواس رکندو هو.
ڻو آديش ڪرشن عام کي گيتا دواران ئي ڏنو.

★★★

ڀڳوان ڪرشن جو وڏو روپ

”ڪرشن“ شبد جو مطلب ئي آهي آڪرشڻ ڪندڙ. اهڙي ڪ
حيڪا سنتوش طرف وٺي هلي، ڀڳوان انسان کي درجي به درجي
ڪندو رهي ٿو. اهڙن ڇهن ڏاڪن ڏانهن ڌيان ڇڪايل آهي. مهاڀارت
اگر ڪرشن جهڙي پاتر کي هٽايو وڃي ته اُن گرنٿ کي ڀوءِ ڪا معني
ڪانه رهي. ڪرشن هميشه ان جو قائم دائم پاتر رهندو هو. ڀوءِ ڀل ت
روشنيءَ جو هڪ دهي جيان ئي هجي يا مرڪزي طور هو ڪٿي الوپ
وبندو هجي، اُهو بنهه ممڪن ڪين آهي.

ڪرشن جو جيون ٻن حصن ۾ وراهيل آهي. هڪ ڪرشن آهي
ڪرشن ۽ ٻيو آهي پارسارٿي ڪرشن، جيڪو مٿرا جو راجا هو. پارس
قائدي قانون جو پابند هو. سخت قدم کڻڻ وارو هو وسيع راڄ هوند
سندس ورودي ڪائنس ڪنُ ڪائيندا هئا.

برج ڪرشن جي شخصيت آڪرشڻ ڪندڙ هئي، سندس مک
هميشه مناس رهندو هو، سندس هردي ۾ روحانيت جو تجلو هو. پارس
ڪرشن جو اوڄ البت الڳ طرح جو هو، هو هڪ اڏول شخصيت وارو
هو، سندس مضبوط شخصيت اندر به روحانيت جو جلوو هو، جنهن
ڪرشن جي شخصيت ڀهڪي ٿي اُٿي.

ڪرشن ۾ بهادري ۽ دليريءَ جا گڻ صاف سٺرا سمجهه ۾ آيا ٿي،
ه بندرابن ۾ هو اُن وقت سندس شيرين ۽ سڀاجهو ورتاءُ هر وقت هر
لا ساک لائق هو، برج ڪرشن جو پارٽ هو جنتا کي ڀڳتي مارڳه تي
وٺي هلڻ. هو ئي هو جنهن يڌ جي وقت به ڪومل ۽ نرمل ورتڻ جو
ڪيو ڪنهن به شوخيءَ جو پلئه نه پڪڙيو.

لوڪن کي ڀڳتي مارڳه تي وٺي هلڻ لاءِ، هن هڪ الڳ طرح جو
ڪندي لوڪن جي ويجهو ٿيڻ جي خيال سان بنسريءَ جي مني
ڏيهي، پيار ڀريو سنبنڌ جوڙي، سنيهه ۽ سک جو جار ڦهلائي، اِهو ثابت
ته ڪڏهن به ضرورت جي وقت اگر هٿيار هٿ ۾ کڻڻا پون ته ڪيب
آهي ڇو ته اهو سڀ پنهنجن دوستن ۽ مترن جي لاءِ قدم کڻڻ جي

انهيءَ کري ئي پنهنجو ارجن ! مون ۾ ئي چت لاءِ
گهڙيءَ گهڙيءَ تون گهرو رهجانءِ مون ۾ ڌيان لڳاءِ،
ارجن پيارا ! گر تون منهنجي من ۾ پياس رکي،
يوڳہ اڀياسي ساڌن سان پڪ مونکي راس کرين.

(گيتا ٨-١٢)

سوامي رام کرشن پرم هنس ڀڳوان جي دور رهڻ لاءِ اٺن اکرن ڏانهن
يان چڪايو آهي جي آهن ڌڪار، شرم، موه، هٺ، ڊپ، لڪ لڪاءُ، ذات
ات جو ڀيد ۽ دک. گوپين سڀ ڪجهه کرشن کي ارپي ڏنو پر پنهنجو
رم پاڻ وٽ سوگهو رکيائون، ڀڳوان کرشن سندن وستر چورايا ۽ کين
حسوس ڪرايو تہ اگر مالڪ کي سڀ ڪجهہ ارپڻ ڪرڻو آهي تہ شرم ڇا
و ؟ شرم مرم جو تہ سوال ئي نٿو اُٿي. ڀڳوان کرشن چوي ٿو تہ اگر توهين
حڪمتا سان پنهنجو من لڳائي نٿا سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ اُن لاءِ ڪوشش
ڪري سگهو ٿا.

مون ۾ من لڳائڻ ۾ جي توکي گهٽ ويساهہ،
يوڳ دوارا ڪري سگهين ٿو اُن ۾ وڌو پراءُ،
يوڳ لڳائڻ ڪاڻ، ارجن ! گهرجي يوڳي منُ
هر ڪن منهنجي ڌيان ۾ تنهنجو چت هجي ارپڻ.

(گيتا ٩-١٢)

”ڪُلن هلائڻ لاءِ اگر ڪا ڪوشش ڪئي ٿي وڃي کرشن چيو، تہ اُها
شرڌالوءَ کي ايشور جي ويجهو ٿي آڻي.“
ڀڳوان اهڙو آديش ڪڏهن ڪين ٿو ڏئي تہ هميشہ نيم ٺيم جي آڏين
. ادمبر تي خرچ ڪيو، ڏيکاءُ ڪريو، پوٿيون پڙهو يا جاپ ڪيو. من کي
ل رکڻ وارا ساڌن تہ ٻيا بہ ڪيترا ٿي سگهن ٿا پر ڀڳوان چاهي ٿو تہ
حن طرح جي ڌڪار يا بغض بنان پيار ڏيو. ميران کي کرشن لاءِ اهڙو
سنيهہ هو. هوءَ سادي سڀاءَ واري هئي. شرڌالوءَ ڏني ڀڳت کي سندس
: جو فرمان ڪيو تہ سندس غير حاضريءَ ۾ ڀڳوان کرشن جي پتلي جي
، ارچنا، ساڌنا، ڪري ڀڳوان کي پوڄن پرڃي. فرمانبردار ڀڳت پوڄن

ڪرشن سمرڻ سان پرپور پيار پائجي ٿو

وشو وياپي سرو سڌارڪ ڀڳوان ڪرشن، ايشور جي اوڏو اچڻ لاءِ ت
سولي راهه ڏسي آهي، اُهو چوندي ''جيڪو ڪجهه تون ڪرين
ڪائين ٿو اُهو مونکي ارپڻ ڪرين ٿو جيڪا تپشيا ساڌنا ڪرين ٿو اُها بہ
تہ منهنجي لو ڪرين.''

پيٽ ڏري چڏ مونکي ارجن ! جيڪو ڪرم ڪرين ٿو،
ڪائين ٿو يا دان ۾ ڏين ٿو، هو بہ اندر ارپين ٿو،
جاپ ڪرين يا پوجا تپشيا، ارپڻ مونکي ڪر
تن کی ڏيندڙ سختين کی پڻ منهنجی پيٽ ۾ ڌر.

(گيتا ۲۷

دريوڌن کي مال مليدا ڪائڻ کان منع ڪندي ڪرشن فرمايو ''هر
کي صرف وقت تي ڀوجن ڪرڻ جڳائي، جڏهن هو بکايل هجي يا ج
کيس ڪٿي پيار ڀريو نوتو مليو هجي، توهين نہ رڳو مونکي ڀانيو ٿا ۽ نہ
مان بکايل ئي آهيان.'' ڪرشن دريوڌن جي منتري ودر جي گهر ڏ
اُسيو. ڪرشن کي ڏسي ودر جي پتني ٺري پئي ۽ موهہ کان ايترو تہ
تي پئي جو ڪرشن کي ڪيلن جو ڀوجن ڪرائيندي، ڦل ويئي پئي اُڇل
۽ کلون ڪرشن کي ٿي ڏنائين ۽ ڪرشن بہ اُنهن کي چاهہ سان ٿي کائڏ
''مونکي منهنجي شرڌالن جو سمپورڻ ڌيان گهرجي.'' ڪرشن
کي سمجهائيندي چيو :

سڳڻ روپ لاءِ جيڪي منهنجو ڌيان سدا ڌارين،
سڀ ڪجهہ مونکي ارپڻ ڪن ٿا، چاهت ڪين رکن،
استر من سان جيڪي منهنجي قائم پوجا ڪن،
اوت اڇهو سمجهن ٿا مونکی من ۾ تڙق اٿن.

(گيتا

ڪرشن وري ارجن کي چيو ''مونکي تنهنجي چت، ويچارن ۽ بڌي
گهرج آهي، جنهن ۾ سماجڪ بنڌن هجن، پر هئي ڪنهن بہ قسم جو اٽڪ

موهہ مڏ پريو گوپين جو



هڪ ڀيرو ڪرشن کي مٿي ۾ سخت سور اچي پيو، اُن لاءِ هڪ علاج ٻڌايو ويو، جو هو پرم ڀڳت جي ڌوڙ مٿي تي لڳائڻ. نارد ڪيترن ئي ڀڳتن جي ڳولها ڪئي پر هر ڪنهن ناڪاري جواب تي ڏنو. ڀاڀائون سندن پيرن جي ڌوڙ ڪرشن جي پيشانيءَ تي لڳائڻ ڀڳوان جو اپمان ٿيندو. نارد پوءِ ڀڳو گوپين وٽ بندرابن ڏانهن.

پنهنجي منڙي منٺار جي پيڙا جو ٻڌندي ئي گوپيون جهڪي وينيون ۽ پنهنجن پيرن جي ڌوڙ ڪنيون ڪرڻ وينيون. هنن جي نس نس ۾ ڀڳوان لاءِ انتهہ موهہ جو نشو چڙهيل هو، جنهن ي کين پنهنجي پيرن ۽ ڪرشن جي پيشانيءَ وچہ ڪو تفاوت ئي سوس ڪين ٿي ٿيو، چاهيائون تہ سڀ ڪجهہ ڪرشن جو ئي تہ ن ڪري ان لاءِ انڪار ڪرڻ جو سوال ئي پيدا ڪين ٿي ٿيو.

هڪ دفعي اوڌو گوڪل ۾ ويو. گوپين کي ڪرشن کان الڳہ ٿيڻ لاءِ ڏيڻ ويو ۽ کين سمجهائڻ لڳو تہ هو تہ صرف ديهہ دواران ڪرشن الڳہ آهن باقي ڪرشن تہ هر پل، جتي ڪٿي حاضر آهي. هو سڳڻ ۽ نرگڻ جي وياکيا ٻڌائيندو ٿي رهيو پر گوپيون ڪيس ڪنهن رح ٻڌڻ لاءِ تيار ڪين هيون ”اڙي اوڌو، پنهنجيءَ ديهہ کي تون پاڻ محدود رک، اسان جو واسطو سرير سان نہ پر من سان آهي. اسان کي هڪ ئي دل آهي جيڪا اسان ڪرشن کي ارپڻ ڪري ڇڏي آهي ۽ اُن کان اوچو ٿي نٿو سگهي.“

بئن تہ گوپين پاڻ کي سمپورڻ طرح ڪرشن ۾ لين ڪري ڇڏيو هو اُن هنن ڪرشن ڀڳتيءَ ۾ يوگين ۽ شرڌالن کان بہ اوچ درجو حاصل ڪيو

جي ٿالهي پرڃي ڀڳوان جي اڳيان رکي ۽ جيسين ڀڳوان پوڄن
ڪري هو اشانت رهيو. ڀڳوان تہ وات ۾ هڪ گرهہ بہ ڪين وڌو. گو
ڪيس اِهو ٻڌائڻ وسري ويو تہ ڀڳوان کي پوڄن پرچڻ جي هڪ سن
نيم آهي. ڏنو ڀڳت وينتيون ڪندو رهيو ۽ پورا ٽي ڏينهن هو ڀڳوا
مورتيءَ اڳيان پلٽي ماري ويٺو رهيو جيسين ڀڳوان پوڄن نہ ورتايو آه
اُتان اُٿڻ نہ ٿي چاهيو، مايوس تہ ٿيو پر بک ۾ چتو بہ ٿي پيو ۽ پو
۾ هڪ لٺ ڪٽي ڀڳوان تي اولاريندي، هن ڀڳوان کي ڌيڪارڻ چاهيو.
ڪرشن اصلي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو ۽ يڪدم سارو پوڄن ورتايائين
جي ڪيتن ۾ پوڙهيو بہ ڪيائين ۽ شرڌالو ڀڳت کي پنهنجي ڪيت
ڪرڻ جي بوجهہ ٿي کائہ رهي هئي. هو ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ ايترو
ويو هو.

سائوٿ ڪئليفورنيا جي ويدنتا سوسائٽيءَ جي پرمکہ سوامي شارڌانن
جو چوڻ آهي: ”آڪاس اَننت وشالتا جو پرڀاو هڪ طرح جي انترم
ٿو بخشي ۽ محسوس ٿو ٿئي تہ ايشور هر جاءِ حاضر ناضر آهي جـ
ڪري ٿو ساڌنا جي طرح بڻجي ٿو پوي، جو تہ اُهو ڌيان ۽ شرڌا نمت
کي ارپڻ ٿيل آهي، هرڪو ڪاريہ ساڌنا جي روپ ٿي سگهي ٿو ۽ ڀڳ
هر ڪاريہ ۾ حصو وٺي ٿو. هر جڳهہ، هر طرف، هر هنڌ هن جو تص
ٿو.“ هر پل، هر گهڙي هن جي ڌيان سان ڀرپور آهي ان ڪري
ڀڳتي يا عبادت ڪٿي بہ ڪنهن وقت بہ ڪري ٿي سگهجي.

ويد ٻڌائين ٿا تہ انسان ايشور جو روپ آهي، پنهنجي سمپورڻ ش
سان ڀڳوان کي پنهنجي پر ۾ جاڻي سندس پوجا-ارچنا ڪري ٿي س
هو نہ صرف مندرن ۾ ٿو رهي پر ساري دنيا هن جي خاص سمپتي
ڪير بہ ڪيس پڪاري تہ هو اُن جو جواب ڏئي ٿو، هر ڪڻ سندس
۾ گهاريو، جو تہ پاڻ ئي سارو وشو آهي ۽ توهين جو بہ ڪاريہ ڪي
جڻ تہ هن لاءِ چاڪري آهي.

راڌان جو كرشن سان بي پناهہ پيار



پريوءَ سان پريت
كيئن جوڙجي؟ هڪ
وڏي جفاكشي آهي.
جيئن هڪ شاعر يا
گيتكار پاڻ ولوڙي
شبدن ۽ سُر سان
ڏينهن رات جوٽون
جوٽي كجهہ نہ
كجهہ مس حاصل
كري سگهندو آهي،
كرشن سان سپريم
سنيهہ جوڙڻ جي وارتا
بہ ان طرح جي آهي.
مڌوريا ڀڳتي يا
آتمڪ اونهي كوج ۾
اوک ڊوک كان پوءِ
ئي راڌان كي آتم
گم يعنيٰ آتمڪ سنگم پراپت ٿيو، جنهن كي اسين ڇئون پيار جي
ڀارتيہ روايت انوسار اهو سڀ حاصل كرڻ لاءِ ٽن مارگن تي پير
تا پون جي آهن (١) جن مارگہ يعنيٰ ڏيان جي راهہ (٢) كرم
يعنيٰ كيرتيءَ جي وات ۾ (٣) ڀڳتي مارگہ يعنيٰ سمرڻ كرڻ وارو
انهن ٽنهي مان ڏيان مارگہ ۾ هڪ عجيب طرح جو مناس ٿو رهي
كي ورلي لوڪ محسوس كري سگهن ۾ اُهو آهي اننت عبادت
گهور ڏيشيا.

هو. ڪيترن ئي ڌارمڪ پراڻن ۾ ۽ گرنٿ شاسترن ۾ بہ آيل آهي تہ اڳ
جنم ۾ رشي ۽ يوگي هئا. لڳاتار رام نام جو جاپ ڪندي ڪين ور مليل
جنهن ڪارڻ هنن گوپين جي صورت ۾ جنم ورتو. گوپين جو پيار شڌ، پو
بنا مطلب ۽ اڇا رهت هو، ڪين ڀڳوان کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ مني ڪانہ
لڳي. ڀڳوان جي اتي موهہ ۾ سندن سڌ ٻڌ اُن منزل تي پهچي چڪي ه
جنهن ڪين هر هنڌ، هر طرف ڪرشن ئي ڪرشن جو ديدار ٿي مليو، ج
ڪري هنن باقي دين دنيا کي جهٽڪ وساري ڇڏيو هو. گهر تڙ جي چنتا
ڪانہ هوندي هئن ۽ نہ وري پنهنجي پتيءَ جي اون ۽ نہ ڪنهن بہ
مرتبي جي پرواهہ. ايترو جو وئنکت ۾ مکتيءَ جو بہ ڪنهن کي وي
ڪين ٿي آيو سندن من ۾ هڪڙي ئي خواهش رهندي هئي تہ همي
ڪرشن سان لاهہ جڙيو رهي ۽ هو سندس موهہ ۾ کوهيل هجن.

ڀاڳوت ۾ آيل آهي تہ موهن جي مرليءَ سُر ٻڌندي بندرابن جا
نٽ، گاهہ، گل ڦل، پکي پرندا، پسون ۽ ٻيا پراڻي بہ مگڌ ٿي ويندا هئا
وڇون بہ اهڙا منڙا سُر ٻڌي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ اچي ويندين هي
هو سڌ ٻڌ وڃائي ويهندين هيون. ڪوي سورداس بہ ان طرح ڳايو آهي

"موهہ پرين نظرين ۾ تو کان-وسري ويندو هو سنسار"

گوپين جو ڪرشن لاءِ پيار ۾ پاڻ نڇاور ڪرڻ ڪو ڏيکاءُ ڪين هو پو
هر ڪو درشيہ پنهنجي نموني بهترين ٿو لڳي. ڪرشن جي چيچ تي گوور
پهاڙ جو مطلب آهي ڪرشن جي عظيم ٻل ۽ ايشوريہ شڪتيءَ جو در
ساڳي وقت پنهنجي ساڌڪن لاءِ ڪشٽن کان ٻڪ ڪاليا نانگ جي ڦڻ
نرتيہ ڪرڻ جو مطلب آهي حوسي خواهشن تي ضابطو آڻڻ. گوپين
مٽڪن مان مکڻ چورائي کائڻ جو مطلب ٿيو پرپور پابوهہ وڃان منش
اڇائن کي دٻائڻ. يشوڏا ماتا کي هر گهڙيءَ خفي ڪرڻ ٿيو پنهنج
معصوميت دواران ٻال راند جو اظهار ڪرڻ، جيئن جڳت ۾ ٿيندو آهي.
ليلا آهي سچائيءَ جو عجائب اسرار پريو نماءُ، جيڪو پڌرو ٿو ڪري تہ
هر هڪ گوپيءَ سان گڏ آهي ڪنهن کان بہ ڌار ڪين آهي ۽ اُهو آهي س
پيار بندرابن جي گوپين ڪاڻ، جنهن کي اڄ وڏو مهتو مليل آهي.

★★★

ن کي آتمانندا پوتي ڪري ڪوٺيو ويو آهي. راڌان راڻي اُن وقت جمنا
ي ڪنني تي ويلي هئي ۽ ڀڳوان ڪرشن جي اٽل ڌيان ۾ لين هئي
ندس اهڙي پرم ڀڳتيءَ جو انپوَ ڪندي اُهو ڳول آڪار وارو شماع
ندس چوڌرد ڦرندو رهيو ۽ آخر ۾ هن ۾ ئي سمائجي ويو تڏهن ڪان
ڪ ڳاڻائن ۾ اُن کي آشيرواد جو چڪر ڪري مڃيو ويو آهي، ڇو تہ
وڻ ۾ ايندو آهي تہ ڀڳوان ڪرشن جو راڌان جي پنيان هئڻ جو اُهو
ڪ ساکيات پرماڻ آهي يا ڪ ڀڳوان جي اها هميشھ جي چاهت هئي
هو راڌان جي پاڇي هيٺ رهي، راڌان کي اِن طرح جو وردان ڏيندو
يو.

راڌان کي ڪرشن لاءِ جيڪو انحد سنيھ هو اُن ۾ نہ ڪا خوداري
ي ۽ نہ ڪا شخصي اِڇا. هوءَ تہ صرف ڪرشن کي خوش رکڻ
ڃيندي هئي سندس مڙيوئي حواس ۾ ڪرشن لاءِ ڀڳتي ڀاو کان سواءِ
ڪجھ بہ ڪين هو. ”نارد پنڪ رتنا“ ۾ آيل آهي.

”ڀڳتي اُها جنهن ۾ شرير جا مڙيوئي حواس روحاني شخصيت
ن مايل هجن، جنهن کي ايشوريہ روپ ڪري مڃيو ويو آهي، جيڪو
ئي سڀني خواهشن جو مالڪ آهي. پاڻ کي ئي اُن عظيم شيوا ۾
ڻ ڪري ٿو اُن مان ٻہ اثر اُڀري بيهن ٿا. (١) ساڌڪ يا ڀڳت دنيا
حرفت، چالاڪيءَ يا ڪرت ڪاريہ کان مڪت ٿو رهي. (٢) سندس
ار ۽ وشواس شڌتا ڌانهن مايل ٿي ڀڳوان جي چاڪريءَ ۾ پنهنجو
لڳي ٿا وڃن.“

هو پوتر پيار ئي هو جيڪو نہ رڳو بي پناهہ هو پر اٽل بہ هو جنهن
ڳوالڻ نينگر کي ديويءَ جو درجو عطا ڪيو ۽ هوءَ ڀڳوان جي پر
سندس مڙيوئي ڀڳتن جي دلين تي راڄ ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ هن راڌا
ءَ جو مرتبو حاصل ڪيو.

★★★

گهور تپشيا آهي سماڌي ساڌنا. اُن لاءِ پنج ڏاڪا ٻڌايا ويا آهن آهن سنتا يعني سمپورڻ ايڪانت، داسيا يعني شيوا ڀاو جو هئڻ، س يعني مترتا، وتسيا يعني پالنا ۽ مڌوريا يعني اڻوٽ پيار. راڌا راڻي ڏاڪي تي وڪ وڌائي جيڪو ڪيس مڌوريا طرف ڇڪيندو ٿي هليو . ڪ ڀڳوان لاءِ من ئي من ۾ موهه هو، سنيهه هو، سندس ڇپن تي هر و ڀڳوان جو سمرڻ هوندو هو. سندس اکين ۾ هر وقت ڪرشن جي تص براجمان هوندي هئي سندس دل ۾ به ڪرشن جو ئي عڪس پيو وس هو. سندس ڪن به منوهر جي مرليءَ جو آواز ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا سندس روح اندر به ڀريو ٿي وسيو. ڪرشن جي ويچارن ۾ هوءَ ايتر لين رهندي هئي جو ڪيس ٻي ڪا به خبر ڪانه رهندي هئي اه هئي هن جي گهور ايڪاگرتا.

رشي مني ته اهڙي ساڌنا جو هڪ حصو به حاصل ڪري ڪ سگهندا آهن ۽ اُهو به سالن جا سال تن کي تسيا ۽ سرير کي سخت ڏيئي ۽ مهل به مهل ڪيترين ئي ناڪاميابين جي باوجود. راڌان را سڀ ڪجهه پاتو، پيار ڀري ڀڳتي مارگ دواران، هوءَ ڪرشن ويچارن ۾ اهڙو ته الوپ ٿي ويندي هئي جو خود پنهنجي هستي ڪوهي وهندي هئي صرف مرليڌر جي خيالن ۾ ملول رهندي هئي. پنهنجو پاڻ کي ڪرشن حوالي ارپي ڇڏيو هو. ايترو جو هن پنهنج هستيءَ کي به وساري ڇڏيو هو. جيڪو به جڏهن هئڙيءَ حالت پهچي ٿو ته پنهنجو پاڻ هن جو من آننت شرڌا دواران ايشور ط مڙي ٿو وڃي.

ڀڳوان جي مگن هستيءَ ۾ رهندي راڌا راڻيءَ کي ڀڳوان ڪرشن جڳڪ هڪ وندرائيندڙ ساڌن ڪري مڃيو ويو آهي. هڪ شام جو جڏ ڀڳوان ڪرشن پنهنجيءَ آتمڪ راحت ۾ لين هو اُن وقت سندس مان هڪ عجيب شماع نڪتو جو هڪ گولي جو آڪار وٺي، ڦرندو ر

دربان پنهنجي مليل حڪم تي قائم رهيو ۽ نارد کي اندر وڃڻ لاءِ نهہ منع ڪيائين : ”مان تہ صرف توهان کي اِهو ئي ٿو چوان جيئن ڀڳوان جو فرمان آهي، جيئن تہ ڀڳوان هن وقت پنهنجي پوڄا پاٺ ۾ ين آهي ۽ هو اُن ۾ ڪابہ رڪاوٽ آڻڻ نٿو چاهي.“ نارد کي هاڻ ڪجهہ ، چوڻ لاءِ ڪين رهيو. ان ڪري اُت صبر سان ترسيو رهيو، پوءِ بہ ندس دماغ ۾ طرح طرح جا سوال اُڀندا ٿي رهيا. هو اڃان بہ سمجهي ٿي سگهيو تہ ڀڳوان ڪنهن جو سمرڻ ڪندو هوندو. هن کان وڏ ڪو و بہ مهان پرميشور آهي ڇا؟

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ڪرشن پاڻ ڪوٺيءَ مان ٻاهر نڪتو ۽ نارد کي ٻاهر تي بيٺل ڏسي هن اڳيان وڌي نارد کي ڀاڪر پاتو. نارد پاڻ ڪيترو ناراض هو پوءِ بہ هو ڪرشن سان عام طور واري رسمي آءُ ڀاءُ سان ئي يو. ڀڳوان پاڻ ويچار ۾ پئجي ويو ۽ سوال ڪيائين تہ ”ڳالهہ ۾ ڇا ي؟ تون ايڏو منجهيل ڇو آهين؟“

نارد جي من ۾ ايترو تہ بغض ڀرجي ويو هو جو هو وساري ويٺو هو ڪيس ڪرشن کي ڪهڙو سنديش ڏيڻو آهي. ڪيس اِهو بہ ياد نہ ٿي يو تہ هو آخر اُن جڳهہ تي آيو ئي ڇو هو، پوءِ بہ ٻي رکيءَ واري نوع ارد جي مکہ مان اُهي اکر نڪتا ”تنهنجي محل جي دربان هدايو ي تہ اندر توهين پاٺ پوڄا ڪري رهيا هئا، جنهن ۾ مان ڪابہ گيري نہ ڪيان.“

”ڇا توهين سچ پچ پوڄا ساڌنا ڪري رهيا هئا؟“ نارد حجت ڀريو ل ڪيو ”ڪير آ.ہي جنهن کي پرميشور جي پرڪرتيءَ تي ڀر و نہ و آهي؟“ نارد پاڻ بہ منجهي پيو هو ۽ ويچار ڪرڻ لڳو هو. جڏهن ر پاڻ ئي نرڀئہ، نرهنڪار ۽ خلقڪار آهي تہ ڪيس پاٺ پوڄا ڪرڻ ڪهڙي ضرورت آهي؟

ارد جي من اندر ويچارن جي وهڪ مان ڀڳوان ڄاڻي ورتو تہ نارد پنج ۾ آهي تہ اوچتو ڀڳوان جي مکہ مان ٺهڪ نڪري پيو. ”ڇا خود ڏسڻو آهي تہ مان ڪنهنجي پوڄا ڪري رهيو هوس تہ پوءِ سان اندر ڇ.“ ڪرشن نارد کي پنهنجي پوڄا واري ڪمري ۾ ولي

ڪرشن جو انوکو لڳاءُ



ڪرشن جو پيارو
نارد هڪ دفعي ڪر
کي ڪو خاص سنديه
ڏيڻ لاءِ سندس مح
طرف اُسيو. جيئن
محل جي ڏئار ويجه
پهتو تہ دربان ڪيد
روڪيو ۽ يڪدم چيائين
”توهين اندر نٿا وڃ
سگهو.“

”مان نٿو وڃ
سگهان؟ تنهنجو مطلب
آهي؟ مان نارد آهيان، ڪرشن جو لڱن لڳو متر آهيان.“

اِها حقيقت آهي تہ نارد ڪرشن سان گهڻو ويجهو تعلق رکند
سنبنڌ هو ۽ ڪيس ڪنهن بہ محل سندس محل ۾ وڃڻ جي اجازت مل
هئي، پوءِ بہ دربان پنهنجي ضد تي قائم رهيو ۽ ڪيس اُتر ڏنائين
”مون کي ڄاڻ آهي تہ توهين ڪير آهيو، پر هن وقت توهان کي ه
ترسڻو ئي پوندو. ڀڳوان پاڻ مونکي اهڙو آديش ڏنو آهي تہ ڪوبہ اچ
تہ ڪيس هت روڪيان ۽ ڪنهن کي بہ اندر نہ موڪليان.“

”ڀڳوان جي مطابق ڪرشن هن ويل ڇا ڪندو هوندو جو م
ڪيس گڏجي نٿو سگهان.“ پهريدار چيو : ”هن وقت هو ساڌنا
آهي.“

”ساڌنا ! منهنجو ڀڳوان بہ ساڌنا وندنا پيو ڪري؟ هو ڪنهن ج
پوڄا ڪندو؟ جڏهن پاڻ ئي ڀڳوان آهي.“ ان طرح سوالن مٿ
سوال پڇندو نارد سارو ڏوهہ دربان تي ڪيندو رهيو.

ڪرشن آهي مڪتيءَ جو اوتار

ڀڳوان ڪرشن ڪير آهي؟ اُهو جنهن ۾ ايشوريہ، ويرتا، يش، جنم ۽ ويراڳ ا ڱڻ آهن. ڇا اُهو ئي پورڻ ڀڳوان آهي؟ ڪرشن ۽ سندس ساٿي ارجن. و آهن ”ڪرشنا ستو ڀڳوان شيام“ ڀڳوان جو اُپايل، پورڻ برهم ۽ پورن ڳوان.

ارجن سان ڪيل اقرار انوسار اگر هن سڄ لهڻ تائين جئرٿ جو گهات ڪيو تہ خود ڪيس ئي پاڻ کي اگنيءَ حوالي ڪرڻو هو. اوچتو لوڪن ڏٺو آسمان ڪارو ٿيندو پيو وڃي، سڄ ڏسڻ ۾ ئي ڪين آيو، ممڪن آهي سڄ ي ويو هجي افسوس جو هاڻ ارجن کي ڪيل اقرار انوسار مرتيوءَ جي سيجا سمهڻو ئي پوندو.

پر اُهو ڪرشن ئي هو جنهن پنهنجي سدرشن چڪر سان سڄ کي ڍڪي يو هو، ڇو تہ هن اُهو چاهيو ٿي. جئرٿ جيڪو سارو ڏينهن ڪٿي لڪي و هو ٻاهر نڪري آيو ڇو تہ هاڻ ڪيس ڪوبہ جوکم ڪونہ هو. سوچيائين تہ ارجن کي هاڻ سڄ لهندي ئي پاڻ کي جيئري جلائڻو آهي، چکيا تيار ي، ارجن ڪرشن کي پرنام ڪري چکيا طرف وڌيو. ڪرشن چيس، رجن تون کتري آهين، ان ڪري پاڻ سان گنديا تير ڪمان کڻ، پل اُهو ر جي مرتيو جو وقت ڇو ڪين هجي.“ ارجن ائين ڪيو چکيا ۾ ٽپو ڏيڻ ئي هو جو سڄ ڪڪڙيءَ کان ٻاهر نڪتو. يڪدم ڪرشن ارجن کي آديش ”هاڻ جئرٿ کي نشانو بڻاءِ.“ ارجن ان طرح پنهنجو انجام پاريو.

هر طرح طلسمات ڪاريہ ڪرڻ ۾ قدرت جي خلاف ڪجھ ڪرڻ ڇا ن اُهو ڪرڻ چاهيندو هوندو؟ فقط پرم پرش ئي اهڙو ڪاريہ ڪري ندو ان طرح جون ڪئين ڪهاڻيون مهاڀارت ۾ درج ٿيل آهن.

هرشي گارگي وڏيڪ چوي ٿو ”ڪرشن جي برابريءَ وارو ڪوبہ ڪين .“ هڪ ننڍڙي ٻار کي ڪُڏائيندي ڪين ڪيس چئبو آهي ”ڪيڏو نہ بالڪ آهي جهڙو چنڊ.“ پوءِ بہ ڪرشن جي سونهن ۽ سندرتا چنڊ کان يڪ آهي. ڪنهن خاص ودوان بابت چئبو آهي ”هي تہ ويدوياس برابر .“ پوءِ ڪرشن اُن کان گهڻو اوچ، ودوان، عاقل، عالم، ڀهگهٽو آهي.

آيو ''اُهو هت ئي آهي جيڪو منهنجو پرميشور آهي.'' ڪرشن آڪيو
''نارد اُتي ڇا ڏٺو؟''

نارد اُتي ڪي ننڍڙيون ننڍڙيون تصويرون ڏٺيون جي سڀ ڪرش جي سنٻنڌين جون هيون ۽ اُنهن ۾ نارد، ارجن ۽ ڪن ٻين جو تصويرون به ڏسڻ ۾ ٿي آيس. ''هي! سڀ آهن جن جي مان پو ڪري رهيو هوس.'' ڪرشن کيس سمجهايو ''مان به اُنهن ڪي ڪندو آهيان جيڪي منهنجا پيارا آهن توهين به اُنهن مان هڪ آه وشو نرماڻ جو منهنجو مقصد اِهو ئي آهي ته سڀني سان سڪ پريم قا رهي مان پنهنجيءَ خلق کي انحد پيار ڪندو آهيان. ڪڏهن ڪڏه مان خود اوتار ڌاري سندن سنيهه ۽ سڪ جو سواڳت به ڪندو آهيا منهنجا پيارا مونکي ڀائين ٿا، چاهين ٿا، منهنجو سمرن ڪن ٿا، م کين ان پيار جي موٽ ڏيندو آهيان.''

نارد ڀانئي محسوس ڪيو ته واقعي اِها ڀڳوان جي پنهنجائي ۽ مانهپو آهي جو هو هر پرائي کي ڀائين ٿو، چاهي ٿو ۽ هو به اُن پ جي موٽ ٿو ڏئي، ان ڪري ئي هو. ان ڪري مان به جيڪر هن ت ٻلهار ٿي وڃان.

★★★

هن پستڪ جو ليکڪ

ڀائو ڪمل پياسي برک ليکڪ آهي، هن هر شاخ تي قلم هلايو آهي ڌرم جي به خوب ڄاڻ اٿس جو هيترا ڌرمي ڪتاب، جيئن ته گيتا سکمني، جپ صاحب، نائين محلي جا سلوڪ، هنومان چاليسا، جهوليلا چاليسا لکي ڇپايا اٿس. ٻولي به سولي، سليس ۽ سڀڪو ڪم آندي اٿس پڙهڻ سان من کي موج ۽ اندر کي آنند ايندو آهي. همر، گيت، غزل ڪويتائون ۽ ٻچن به بيشمار لکيا اٿس. نه رڳو ايترو پر جيو جنتو وغيره تي به قلم آزمائي ڪئي اٿس. جس هجيس جو هن عمر ۾ به سنڌيت سا نڀائي رهيو آهي. ڪامنا ڪريان ٿي ته سائين صحت سالم ڏيندس ج پنهنجي شغل سان تور نڀائي.

ڪانتا ايس. ايسراڻ

ڪرشن تارڻهار



جڏهن ڪوبہ ديالو پرش، همٿ رکي ڪوبہ ڪاريہ هٿ ۾ ڪٽي ٿو تہ ٻيا خود بہ خود سندس سهائڪ ٿين ٿا. پرم پرش ڪرشن اهڙن ڳڻڪاري منشن لاءِ هڪ سچو سهائڪ بڻيو ۽ سندس اڇائن، اُميدن ۽ تمنائن حاصل ڪرڻ ۾ رهبر ٿيو. اڳہ ئي ڪرشن لوڪن جي دلين ڪي جهٽي ورتو هو ۽ اڄ تائين هو عام ۽ خاص لوڪن ۾ پيارو آهي. هر ڪنهن لاءِ سهارو آهي.

ڪرشن ڪنهن ڪي بہ پنهنجو
و ڪري ڪين ميڇيو ۽ نہ وري ڪيس ڪنهن لاءِ ڌڪار ئي هئي، ڀل
گياني هجي يا پاپي هجي. اگر ڪوبہ ڪنهن جي هاجي ڪندو
يا ڪنهن بہ ڏپ جو ڪارڻ ٿيندو هو تہ ڪيس اُن يو ڪان نجات
يندو هو يا تہ اهڙي شخص جون ڏڇون اُڏائي ڇڏيندو هو. هو اُهو
چو ڪندو هو؟ اُن لاءِ تہ هو جيئن اڳلي جنم ۾ بهتر جيو ٿي
ري.

وامي پريو پدا جي چوڻ انوسار ”ڪرشن جنم ڪان ئي قابل، فاضل
قل شخص هو ڪوبہ انسان ڀل ڪنهن مذهب، ڌرم دين ۾ وشواس
ڪندو هجي پوءِ بہ اگر هو ڪرشن طرف مايل آهي ۽ وويڪ اُن
گهريل اٿس تہ ائين سمجهو تہ هو ساڌو آهي.“

رشن اهو يقين ڏيارڻ ٿي چاهيو تہ هن ساڌڪن جي پرگهور لهڻ
جنم ورتو آهي. ساڌڪن جو مطلب آهي اهڙا جيو جن پنهنجو

ڪرشن انجام ڪيو هو تہ هو پاپين جي ستياناس ڪندو جيئن آئيند
۾ انسانيت ٻهڪي، چمڪي، ڪنهن کي بہ ماضيءَ جي چنتا نہ رهي، ا
لوڪ پنهنجي اشٽ ديو کي ياد ڪندا رهن ۽ سندس ڏنل وچن / منتر
جاپ پوري وشواس ۽ سوجهہ ٻوجهہ سان ڪندا رهن تہ سندن ڀوشيہ روش
رهندو. هنن کي پوءِ ڪنهن طرح جو ڏک،رنج يا غم ڪين ستائيندو، هلا
نہ ڪندو. هيءُ سڀ هڪ پرم پرش دواران ئي ٿيڻ ممڪن آهي.

ڪرشن جون ليلائون آگاهہ ڪن ٿيون تہ هو برابر ڀڳوان نہ آهي پوءِ
ڀڳوان آهي. هڪ اوچيءَ آتمڪ منزل تي پهتل آهي. اگر اسين پارسارٿ
ڀڳوان جيان آهيون تہ پوءِ اسين ڪرشن کي اوچائيءَ تان هٽائي، مهاپر
جي پد تي ٿا آڻيون. ڪرشن پورڻ ڀڳوان آهي جنهن جي برابريءَ ۾ ٻيو ڪ
نہ آهي. ڪرشن پاڻ گيتا ۾ چيو آهي تہ ”هر ڪنهن کي سندس ڏيکاريل را
تي هلڻ گهرجي، ٻئي ڪنهن بہ ڪارڻ پنهنجي ويچارن سان بدلائي مون
انترڌيان ڌارڻ سان توهان کي آسرو ملندو، مان توهان کي مڪت ڪرائيندس

ڪرشن خاطري ٿو ڏئي تہ ”وقت بہ وقت اوتار ڌاري مان جڳت ۾ اچ
ٿو جيئن پاپين کي ناس ڪري پيارن جي پئنج رکي سگهان.“ هو هر ڪنه
کي پنهنجن پيرن تي هلڻ جي صلاح ٿو ڏئي، هو اِها بہ خاطري ٿو ڏ
”ڀل ڪو پاپي بہ منهنجي پوڄا ڪندو ۽ پنهنجي پوري هرديہ سان مونک
ڏيائيندو تہ مان ڪيس دنيا جي بندڻ کان مڪتي ڏياري سگهندس.

ڪرشن چوي ٿو ”ڏڏڙ واري پيچري تان هلندي ڏوڙ تہ ضرور لڳندي
جيڪي پنهنجن اڳين جنمن ۾ ڪيل پاپن کي پاسيرو رکي آخر ۾ منهنج
اوٽ وٺندا تہ مان ڪين بہ پاپن کان مڪتي ڏياري سگهندس پوءِ سند
آئيندہ چمڪندو.“

هڪ پرم پرش ئي جيو کي ان طرح مڪتي ڏياري ٿو سگهي جيڪ
ڪيس آخر ۾ روحانيت جي راهہ تي هلڻ لاءِ رهبري تي ڪري.

”مان توهان جا سڀ پاپ پاڻ سان کڻي سگهندس.“ ان طرح صرف
ڪرشن کي مهان ديوتا چئي ٿو سگهجي. اگر تہ ان طرح ڪنهن چيو ئ
ڪين آهي ۽ نہ وري آئيندہ ۾ چئي سگهندو. ”مان توکي هر طرح مڪ
ڪندس، ان لاءِ توکی ڪا ڳڻتي ڪانہ ڪرڻي آهي.“

★★

لب جي ڇيهو رسائيندا آهن اهڙا شخص سماج تي بوجهه آهن.
رشن اهڙن ئي پاپين جو ناس ڪرڻ لاءِ ور ور جنم وٺڻ جي خاطري
ي آهي. اِهو نه صرف سندن فائدي لاءِ هو پر هن بدلائُ دواران ڪين
حيح راهه تي آڻڻ به لازمي هو.
ڪرشن پاڻ ئي چوي ٿو ”ڌرما ڪشٽا پتر ٿيا سمڀاوني يڳي يڳي“
ڌهن به ائين نه ٿيندو آهي جو صرف پربوڌ ڏيڻ بيڪار ثابت
ندا آهن يڪوجودي شڪتي به نڪمي بڻجي پوندي آهي يا گهٽڻ
ِصن واري سنستا به نشڦل ثابت ٿيندي آهي. گهٽائي ماڻهو ٻڌندا
ن پر هنڊائيندا ڪي ڪي آهن. اهڙين حالتن ۾ پرم پرش پاڻ
ن لاءِ مدد روپ ٿي ايندو آهي مکيه پنهنجن اصولن جي پيروي
ڻ لاءِ سندن رهنمائي ڪندو آهي. هنن ۾ بدلائُ آڻيندو آهي ان
ي ئي هو پاڻ وقت به وقت ڌرتيءَ تي جنم وٺندو آهي.
ڌرم جو بنياد مضبوط رکڻ لاءِ ڪرشن پاڻ وقت به وقت خاطري
دو رهندو آهي. اُنهن ٻن وقتن وارو سنڌو اهڙو هوندو آهي جو هڪ
و ٿيندي ئي ٻيو شروع ٿي ويندو آهي. اهڙي سميه ئي هو پاڻ
ڪت ٿيندو آهي جنهن ڪري ئي چئبو آهي ”سميواني يڳي
“ ان طرح ڪرشن پارسارٿي طور اُميدن، آشائن ءِ اڇائن جي
ي ڪرڻ وارن مان هڪ آهي. هر ڪنهن کي پاڻ ڏانهن ڪشش تو
ي ان ڪري ئي هو تارڻهار آهي.

★★★

من مولاڻي - ١٢-٥-٢٠٠٨
. ”گنگا جو جل اَمرت اَمرت“ پڙهيم - مونکي ڏاڍو سٺو لڳو. اوهين
في ڪجهه لکي رهيا آيو. اوهان سنڌي ٻولي ءِ ساهتيه جا جيڪي
ڙا پريا آهن، سي ڪڏهن به شُڪڻ جا ناهن. اُهي اتهاس جا سونهري
ن ٿي رهندا. اوهان جون رچنائون / ڪويتائون مختلف اخبارن ۾
ندو رهندو آهيان، لکڻ جڻ ته ٻڌاپي ۾ توهان جي لکڻ جو ساڌن
پيو آهي.

جيون شڌتا سان گهاريو هجي، ڪنهن کي به ڇيهو نه رسايو هجي
ڪيس پنهنجي ته ڪا به شخصي گهرج ڪانه هئي هو ته هرطرح،
پحلو ۾ ٻين جي ڀلي لاءِ سوچي ۽ ڪري رهيو آهي. جنهن، ڪنهن ک
به ڏک نه پهچايو آهي ته اهڙي شخص کي ور ور هن ڌرتيءَ تي جن
وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانه آهي. اهڙي شخص کي مڪتي حاصل ٿئ
ٿي.

ڪرشن جنهن ارجن جي رٿ جو پارسارٿي بڻيو ته هن جو اِهو ئ
ارادو هو ته هو ساڌن جي رڪشا لاءِ ئي آيو آهي. صرف اُهو شخ
جنهن کي هر ويل ايشور جي چنتا آهي اُهو ئي ساڌو آهي. جيڪو م
جو چلولو هوندو سندس وچارن ۾ ايشوريه درشن ڌنڌلو رهندو اهڙ
شخص پنهنجي سمپورڻ سک کي لمبي عرصي تائين ماڻي ڪي
سگهندو. ممڪن آهي ته اهڙو شخص هزار رپين واريءَ لالچ ک
نڪرائي به ڇڏي پر هڪ لک رپين جي لالچ ڪيس پاڻ طرف ڪش
ڪري پوءِ به جنهن جو من اٽل ۽ ارادو محڪم هوندو ته اُهو هميش
اڏول رهندو. ڪيس سڄي راڄڌاني ڀيٽ ڪري ڏجي ته به اُها نڪرائ
ڇڏيندو. مالڪ جي نالي هڙ پنهنجيءَ ساڌنا ۾ ڀنگ وجهڻ ڪي
ڏيندو. ان طرح جي ساڌنا هميشه لاڀدائڪ ٿئي ۽ اُن جو اثر به جيو
پر قائم رهي، جنهن ۾ وقت جي پابندي رهي ئي ڪانه.

ڀڳوان ڪرشن پارسارٿيءَ جي حيثيت ۾ صحيح شخص کي دائ
رکڻ لاءِ خاطري ڏني ته هو پيو سندس بچاو ڪندو. هن هر ڪنهن ک
ان طرح جو سهڪار ٿي ڏنو ته جيئن صحيح ۽ سچار شخص پنهنج
آتمڪ گهرجن ۽ روحاني ضرورتن جو پاڻ ڌيان رکي سگهن اُن ڪار
هو ڪين ساريرڪ، دماغي ۽ آتمڪ روڪ ڪان مڪتي ڏياريندو ٿو رهي

ڪرشن جو مول منتو هو ”وناشا ڇپا وشڪر نيم“ يعني پاپين ج
ناس ڪرڻ، هت وناش ڪرڻ جو مطلب ختم ڪرڻ نه آهي پر سند
ڪرتي ۽ سڀاو چٽائيءَ ڏانهن موڙڻو آهي. پاپي اُهي ئي سڏبا آه
جيڪي پنهنجي حق ۽ خودغرضيءَ ڪارڻ سٻاجهن ۽ ابوجهن کي بنا

دس اُن وڏائيءَ جو ثبوت آهي. دنيا ۾ جي ساهت ۾ ان وچترتا
ي وڏي اهميت آهي خود ارجن به ڪرشن جي اندر هڪ اهڙيءَ
شڪليءَ جو درشن ڪيو، جتي هن سڀ ڪجهه ڏٺو، هر ڪنهن کي
. هن گرهه، نڪشتر، ستارا ڪئين وشو ڪيترائي جيو پراڻي، ميدان
ريون ڏٺيون. ڪرشن پنهنجي ساڪار روپ سان ڏئيتن ۽ دشٽن کي
ي ڪيو جن دواران دنيا پيڙجي رهي هئي.

ڪرشن دواران انحد راحت تڏهن حاصل ٿيندي هئي جنهن وقت
پيار وچان مشڪندو هو ۽ هر ڪنهن جي دل لڀائي ڇڏيندو هو.
شن پنهنجي سياءُ جو اِهو مناس راس دواران پرگهٽ ڪندو هو.
ي طور تڏهن، جڏهن هو گوپين جي گهر مان متڪين ۾ پيل مکڻ
ئي ڪائيندو هو. ڪرشن پاڻ ئي اوتار آهي، هيءَ ته صرف سندس
ت ڀري راند هئي. دنيا ۾ جو ڪجهه آهي اُهو سندس ئي آهي.
ي کهڙيءَ شيءَ جي ڪمي آهي. ڪيس ضرورت به ڇا جي آهي
چوري ڪري پوءِ پنهنجن ڀڳتن ۽ شرڌالن کي پيار جي موٽ ان
تي ڏني. جڏهن به هو اهڙا کيل ڪندو هو ته سڀ ڪيس ڏاڍو
ندا هئا. هو سندن ننڍڙو ٻالڪ ٻڻجي طوطلي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو
پيو لچايون ڪندو هو.

رشن کي هر ڪنهن لاءِ ڪيڏي نه چڪ ۽ سڪ هئي. اُهو اُن مان
ي تو ٿئي ته هن پنهنجي ٻالڪپڻي جي متر سڏاما کي ڪيئن نه
جين ٻانهن ۾ ڀري ڇڏيو ۽ سندس آدرستڪار ڪيائين. هن
ي غريبت کي محسوس ڪيو، ڪيس هر طرح جي ڪيڏي نه
بش ڪري ڇڏيائين.

رشن ان طرح جي پيار ڀري ورتڻ جي به مهانتا آهي. شانتي
ٻڻجي ڪرشن دريوڌن وٽ پهتو ۽ ڪيس يڌ نه ڪرڻ لاءِ ڏاڍو
سان سمجهايائين ان جي بدلي ڪرشن جي ان ڪوشش کي
بندي ٻڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪرشن سندس ان حرڪت کي
اب ٿيڻ ڪين ڏنو. راڌان جو پاڻ نڇاور ڪرڻ وارو سنيهه ۽ ڏار
جي اُداسيءَ ۽ مايوسيءَ کي محسوس ڪري، ڪرشن پاڻ کي

ڪرشن هڪ قابل نرتيه ڪار



پدم پراڻ ۾ آيل آه
''اسين ڀڳوان ڪرشن جي سار
۾ گيت ڳايون ٿا ڇو ته هو ۽
سچو آهي، سندس وويڪ سچ
آهي، هر ڪنهن تي سندس
آهي ۽ هو خلقيندڙ، پالڻه
ناس ڪرڻ لاءِ جوابدار آهي.
ئي هر مشڪلات جي ڀڃاڻي
آڻي ڇو ته اهڙيون پيڙائون
اهنج ته منش جي تن من ۾
ئي آهن. قدرتي زلزلن ۾ پڻ
ئي راحت ڏياري ٿو.''

هي سڀ ڪجهه ڄاڻڻ کان
جرمنيءَ جي هڪ فيلسوف فريدرچ نيلزيڪچي (iedrich-Nietzsche)
چوي ٿو ''سندس وقت ۾ ڀڳوان صرف هڪ پتلي جي روپ ۾ هو جن
۾ ڪابه ڀرپر ڪانه هئي، جميل برف جي طرح هو.'' هو عج
ڪائيندي ان طرح جي اوتار تي هو سوچڻ لڳو.

نيلزيڪچي کي اچان به حيرت لڳي هان جڏهن ڪيس خبر پ
هان ته ڪاليا نانگ جي زهري ڦڻ تي هو نرتيه ڪري سگهيو
جڏهن ڪيس مکڻ جي ضرورت پوندي هئي ته هو پنهنجيءَ ماتا
اشاري تي نچندو هو. پوتر پيار جي بنڌن ۾ هو گوپين سان گڏ
راس ليلا به ڪندو هو. هو آهي ئي بندرابن جو نٽبالا. بندرابن
سرڳه ڀوميءَ تي هو عاليشان ناچ ڪري ٿي سگهيو.

ڌارمڪ روايتن انوسار ايشور کي عظيم ڪري سڏيو ويندو آه
ڪرشن ۾ اُهو عاليشان عظمت پنهنجو پاڻ پرگهٽ ٿي ٿئي. گيت
وشو روپ درشن دواران ڪرشن هڪ چتر نمايان ڪيو آهي، حي

ڪرشنا ۽ آڳاٽي شروعاتي جيون ۾ سنساري سنبنڌ

يڳوت پراڻ ۾ آيل آهي ته ڪيئن هڪ ڏينهن ڪرشن پنهنجي
الن مترن کي وندراون ۾ يمنا جي ڪناري تي سنهوڏيندي چيو :
ڻ جو ڪوبه اهڙو نڪر نه آهي جو ڪنهن به ڪم ۾ نه ايندو هجي،
يون نڙن، گل ڪڙن، وڻ جي سيتل ڇايا، پاڙ، شاخون، ڇوڏا، ڪاٺ
ل لوڪن کي ميٺر ٿينِ.'' ڪوبه درخت طرف وڃي ته ڪيس سڀ
جهه مفت ۾ ميٺر ٿئي سڀ ڪجهه ملهه بنا ملهائتو.

ڪرشن پوءِ پنهنجن گوالن مترن کي هدايت ڪئي ته هو به
نجي جيون ۾ ون جهڙو مثال بڻجن. ڪرشن جي جيون جي
ائن ۾ وڻ کي خاص مهتو مليل آهي. بالڪپڻ ۾ هو درختن جي
وڻن جي گهيري اندر جيون ٿو گهاري. هو نه رڳو سيتل هيرن جي
جيئن ڪوي جئديو چيو آهي ته جيڪو وڻ جي سيتل ڇايا ۾ هيرن
گهيري ۾ آنند ٿو ماڻي اُهو گڏوگڏ يمنا جي امرت جل جو به آنند
اڻي. بن جي خوشبودار گلن جي مالها سندس ڳلي ۾ هوندي آهي.
ڪرشن منش جيون کي وڻ سان ڀيٽ ڪئي آهي. گيتا ۾ ڪٿا
دن ۾ هو چوي ٿو ته منش جو جيون ئي جڻ ته قائم طور اشودتا
مان آهي جنهنجون پاڙون سندس شاخن مان پيدا ٿينديون آهن.
۾ وري چيل آهي ته پرليه جي سمي جڏهن سڀ ڪجهه سخت
۾ غرق ٿي ويو اُن وقت ڪرشن هڪ بالڪ جي روپ ۾ اشودتا وڻ،
کي جيون رکشڪ وڻ ٿو چئجي، اُن جي هڪ پن تي آرام ٿو ڪري.
رشن کي هميشه مرليءَ سان واسطو رهندو آهي جا بانس جي
مان نهيل هڪ عام رواجي ساز آهي پر ساري وشو کي هو اُن ساز
ي وندرائندو رهيو. هڪ لٽا چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪرشن بندرابن ۾،
ڪناري، وڻ جي ٿڙ تي ويهي بنسري وڄائي رهيو هو. بين جو
ڏندي ئي گوپيون نرتيه ڪرڻ لاءِ اچي اُتي ڪليون ٿيون ڪرشن
ڏ نرتيه ڪرڻ لاءِ. اهڙو هو هن جي بنسريءَ جو مٺڙو مٺڙو مڌر آواز.

گھٽي وقت لاءِ لڪائي ڪين سگھيو ۽ جڏهن اُتي حاضر ٻانهيو
پنهنجو پاڻ اُتان غائب ٿي ويون تہ هو راڌا اڳيان اصلي روپ ۾ ظاه
ٿيو. راڌا جو مکڙو ٽڙي پيو سندس دل شاد آباد ٿي ويئي.

ڪرم جو قاعدو ڪنهن نہ ڪنهن طرح اچ نہ تہ ڪڏهن بہ هر ڪنه
جي ڪئي جو نياءُ ڪري ٿو. پيٽ ۾ اسين جڏهن سچيءَ سڪ ۽ شر
سان ڪرشن جي اوٽ ٿا وٺون تہ مهروان پتا وانگر هو سار ٿو لهي
”ڪنهن بہ ڌرم مذهب جي چڪر ۾ نہ ڦاس، مونکي پاڻ ۾ ڏس، م
توکي مڙيوئي پاپن کان مڪتي ڏياريندس. توکي ڪنهن بہ طرح
ڊپ نہ رهندو.“

”شري ڪرشنا هري ڪرشنا“ جو سمرڻ ڪندي اسين سولائيءَ س
پاڻ کي هن جي حوالي ٿا ڪيون. سندس اُن نالي ۾ ڪيڏو نہ منا
۽ نعمت آهي سندس نالو الو شڪتيءَ کان بہ وڌيڪ طاقت وارو آه
جيڪو اسان جي سڀني خرابين، علتن ۽ عادتن جو خاتمو ٿو ڪري
جنماشٽميءَ جو ڏينهن اسان کي اُهو ياد ٿو ڏياري تہ اسين اُن م
منٺار جي اوٽ ۾ رهون، ڪيس سندس مهر لاءِ ٻاڏايون. هو تہ هر وق
تيار آهي رڳو اسان کي تيار ٿيڻو آهي.

★★★

مينا گوپ روپچنداڻي - ۳-۵-۲۰۰۸

”گنگا جو جل اَمرت اَمرت“ روح تي روشني ڦهلائي آهي، ايشو
حاضران حضور آهي، اُن جي اوڏو اچڻ سان عقيدو وڌي ٿو. گرو شش
پرمپرا پراڻي آهي، پر گرو رهبر هجڻ گھرجي. رام نام سمرڻ سا
پاپ لهي ٿو ۽ ساڌنا سڦل ٿئي ٿي. توهان لاءِ شڀ ڪامنائون.

ڪانتا ايسراڻي ”اننت“

جڏهن بہ مان ڪنهن بہ اخبار يا مئگزن ۾ توهان جي ڇپيل رچ
پڙهندو آهيان تہ مونکي توهان جي ساهتيہ ساڌنا تي فخر ٿيندو آهي
توهان کي بہ آهي هر اُسرندڙ ساهتيڪار جي رهنمائي ڪرڻ ج
گڻ - آفرين.

وندراون - انمول پراڻي خزانو

ندي يعني خزانو ندي ون يعني جهنگلي خزانو. توهين بندرابن جي يءَ ون جي سيما اندر ايندا تہ جهنگل کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪين تان ڪي نظر ايندو. هڪ صاف پيچرو آهي ۽ ننڍو اڏاوتي گهر ي، جنهن کي ڪانچ جو دروازو آهي ۽ هميشہ بند رهندو آهي.

ن ٻيلي جي اندر هڪ سانت ميہ سندر، هيرن جڙ ناڪرجيءَ ۽ راڌا شوينڪ پتلو نهيل آهي. هر روز شام جو ٥ بجي مندر بند ٿي دو آهي، چوڻ ۾ ايندو آهي تہ ناڪر جي رات جو ٻات اونداهيءَ يندو آهي ۽ سڀ وڻ گوپيون ٿي پونديون آهن. ساري رات ناڪر نرتيہ ڪندو رهندو آهي ۽ پوءِ ٻئي صبوح جو سڀ ڪجهہ ائين دو آهي جيئن اڳہ هو.

ي جي پوڄاريءَ جو چوڻ آهي تہ هو اُن مندر ڪي گذريل ٢٥ سالن شيوائون ڏيندو ٿو رهي. ڪيس رهڻ لاءِ هڪ ننڍڙي ڪٽيا آهي ن ۾ بسترو تہ ماڳهين آهي ئي ڪين. هيڏن سالن کان ڀڳوان جي ۾ رهندي هاڻ اڇا-هيڻ ٿي پيو آهي.

وڄاريءَ جي ضعيف طبعيت هئڻ ڪارڻ، هو اُتي جي پراڻين وڪ گانين، مڇيون، ڪتا، ڪانءُ ۽ باندرن کي پورو پوڳہ (کاڌو) ئي نہ سگهندو آهي چو تہ هو پورو هلي بہ ڪونہ ٿو سگهي ۽ نہ ن جي مدد ئي ڪري ٿو سگهي. چوندو آهي ''ناڪرجي مونکي ڪندو''.

نتوڻيڪ هو پنهنجي هيٺيءَ تندرستيءَ ڪارڻ پنهنجي مجبوري ڪئي آهي، پوءِ بہ پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙي شيوا ڪرڻ کان مجبور جي ائين ناهي. هو ڪوشش ڪندو رهندو آهي جيئن وڌيڪ ۾ شيوا ڪري سگهي. اگر ڪو بہ ڪيس ڪاڏي يا ناٽي جي آچ ڪندو تہ چوندو آهي ''آندل پوڄن ڊڪي رکي ڇڏيو ۽ ڏاڍو پيٽيءَ ۾ وجي تہ پوڳہ ۾ ڪم ايندو.''

اُهو ڪجهہ چا آهي جيڪو هن مسڪين پوڄاريءَ کي اُتي جي

ڪرشن کي جڏهن ڄاڻ پئي تہ ڪاليا نالي وارو زهري نان
پنهنجي وهہ دواران يمنا جي ڪناري تي وڻ، ٽارين، پنن ۽ گاهہ
خاتمو ڪري رهيو آهي تہ اُنهن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ هن ڪاليا س
ويڙهہ ڪري، اُن شيطان جو زور گهٽايو ۽ پوءِ سندس ڦڻ تي بيهي
هٿ ۾ ڪاليا جو پڇ پڪڙي نرتيہ ڪرڻ لڳو. ان طرح هن ڪاليا ت
سوڀ پاتي ۽ ڪيس اُتان ڀڄائي ڪڍيو.

ڪودميا وڻ جو بہ شاستر ۾ ورنن اچي ٿو. برج ايراضيءَ ۾ اڄان
گهٽي انداز ۾ ڪودميا وڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ اهڙن وڻن جي نگهب
کي ڪانبوءِ ڪري ڪوليو ويو آهي. ڪرشن کي هيءُ درخت ڏ
پسند ايندو هو. ڪيترين ئي راس ليلائون هن وڻ جي سيتل ڇايا
رچايون هيون. ڪاليا نانگ کي لڙي ڪڍڻ لاءِ هو ڪودميا وڻ تي چڙهي
يمنا ۾ ڇلانگہ ماريندو هو. ڪرشن گوپين جا ڪپڙا چورائي هن ڪودميا
تي ڪٽي للڪايا هئا جڏهن هو يمنا ۾ سنان ڪري رهيون هيون.

دوارڪا ۾ وڪاس جي درشليءَ ڪان ڪرشن ڪافي ايراضيءَ
ولڪار ڪڙي ڪرڻ لاءِ محفوظ رکي ڇڏي هئي، جتي هن طرح ط
جا وڻ ۽ ٻوٽا پوکايا هئا. ڪيس علحدي علحدي وڻن لاءِ چاهہ
پراڻن ۾ ائين آيل آهي تہ ڪرشن کي اندر ديوتا سان يڌ ۾ دو
ٽيٽو پيو ان لاءِ هو سرگہ لوڪ مان پري جيا (Parijaya) جهڙو خاص
پرٿويءَ تي کٽي اچي. ڪرشن کي وڻن، ٻوٽن ۽ گهاٽين ٽارين س
جوڙيل مَنھُ (جيوتڙو) لاءِ ڏاڍو چاهہ هوندو هو. اهڙو ورنن براج
پريمو، پکشا، سمپارديہ ۽ نڪونجا ليلا ۾ آيل آهي. اُن ئي آڌار تي
ساڌڪ راڌا ۽ ڪرشن جهڙي پوتر جوڙي جو هرڏا سان جاپ ڪندا هئ

راڌا ولڀ سمپرديہ جو پايو وجهندڙ هتا هري ومشا (ri Vimsha
(Hita) نڪونجا ليلا جي هڪ گيت ۾ دهرايو آهي ''اڄ پڙهہ هتي،س
هڪ مندر هينان، مينهن جو وسڪارو ٿي رهيو هو، جڏهن هڪ خوش م
جوڙو، جنهن مان هڪ سندر تہ ٻيو سانورو هو، ڦوليو نہ ٿي سمايو. ''
طرح جو درشيہ هڪ روحاني انترڏيان جو حصو بڻجي پيو. ڪرشن پنهن
ڀڳتن کي اهو ئي آديش هو تہ وڻ موافق ٿيو.

★★★

اڙي ٻين وارا

١- ٻڌائين ٿو پُرو لطف تون ٻين پنهنجي
ڪودميا وڻن جي پٺيان ڇو لڪي،
خبر ٿئي تون زخمين نرم دل ٿو ڪنهنجي،
بيحد خوشيءَ ڪان نچين ۽ ٽپين،
جيڏانهن ٻه ويندين، مان اوڏانهن ايندس،
اَڙي ٻين وارا نه توکي ڇڏيندس.

٢- مونکي پسند آهي ته بيگانا ٿيون،
منوڪامنا لاءِ رلون ۽ پنون،
دنيا جا مزا ۽ وڏيل لالچون،
حياتيءَ کي پابند بڻائين ٿيون،
سدائين مان تنهنجي پٺيان ئي ڦرندس،
اَڙي ٻين وارا نه توکي ڇڏيندس.

٣- اندر راج بارش وسائيندو پيو،
اِهو آب قطرو نديءَ ۾ ڪريو،
ياما جو خاموش فرياد ڪو،
مونکي هن دنيا ۾ اڇي ڇا ڪندو،
جتي ٻين تنهنجيءَ جو آواز ٻڌندس
اَڙي ٻين وارا نه توکي ڇڏيندس.

٤- نه ڪائي مصيبت ڪندي ڪجهه هتي،
نه روڪيندي منهنجي وڏيل پير کي،
نه ڪو وقت جو ڏپ مونکي ٿو اَچي،
نه سڄ راهه کي ڪجهه ٿو روشن ڪري،
سهڪي پلي دل ڪڏهن ڪين رڪندس،
اَڙي ٻين وارا. نه توکي ڇڏيندس.

انوادڪ:
ڪمل پياسي (عمر ٢١ سال)

ناڪار :
جني نئڊو

لوڪن جي شيوا لاءِ جڪڙي ويلو آهي سندس جيون ۾ اهڙي ڪهڙي وچتر شڪتي آهي؟ ڇا اِهو سمرپڻ آهي، وشواس آهي، ڀروسو آهي، حقيقت آهي يا ....

پهرين ته جيڪي به پاڻ ارپڻ ڪري سمپورڻ وشواس سان جو ڪجهه به ڪن ٿا اُنهن کي ڪڏهن به دنيوي چيز، تمنا يا چاهت نه رهندي آهي. هو صرف مالڪ جي شيوا ۾ مگن رهڻ چاهيندا آهن. پر اُهي ڪهڙا به پراڻي هجن، انسان هجن، وڻ ٻوٽا هجن. هن طرح جي ڪارين ۾ ڦل جي اِڇا بنهه ڪين هوندي آهي.

ٻي طرح اها به حقيقت آهي ته عام طور اسين پنهنجي شخصي اُنتيءَ ۽ لاڀ لاءِ ئي پرارٿنا ڪندا آهيون، گيتا جو گيان آهي ته ڪرم ڪرڻ سان ڪنهن به ڦل جي اِڇا نه رکو پوءِ به عام طور لوڪن کي پنهنجي محدود سيما هوندي آهي. ان ڪري ان ڪرت جو نتيجو غير واجبي به نٿو ڳڻي سگهجي، ڇو ته ڪارڻ صحيح آهي، جنهن ڪارڻ اهو سڀ شانائتو آهي.

ٽئين قسم جي سڀ لاءِ ڪوچ ناممڪن هوندي آهي مهاتما گانڌيءَ جي اکرن ۾ ”تون صحيح آهين يا مان برابر آهيان اِهو ته نتيجو ظاهر ڪندو ۽ اُن کان پوءِ تون پنهنجي دڳه ۽ مان منهنجي رستي، تون مون واري دڳه تي وڃي سگهين ٿو يا اسين ٻئي مرڳو ئي ڪنهن ٽئين راهه تي قدم کڻون، ان ڪري پنهنجو ڪاريه چالو رک. تنهنجو طريقو منهنجيءَ روايت کان الڳ ئي هوندي به مان اُن ۾ هر ڪا مدد ڪندس.“

ندي ون جي لوڪن کي مالڪ جو ڏيپ ٿئي ٿي ڪين ڇو ته هو پريم جا هميشه صادق رهن. ٢٥ سالن کان شيوا ڪندڙ پوڄاريءَ جو اهو عقيدو آهي، جيڪو هيتري سمي تائين اُتي پريوءَ جي شيوا ۾ لڳو رهيو آهي ڪيس ٿوري گهڻي انگريزي به ايندي آهي ۽ دنيوي سنسڪارن جي به ڪجهه ڄاڻ اٿس.

تون ايشور ۾ ڀروسو رکندڙ آهين يا نه، توکي پنهنجو اصول آهي يا نه تون ايشوريه وندنا ڪرين ٿو يا نه پر خاص طور اگر تنهنجا قدم پخت آهن ۽ توکي ڪنهن به طرح جو ڀرم يا سنسو ڪين آهي ته روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ تنهنجو اِرادو ۽ من هميشه بلند رهندا.

★★★

اران سندن وناش ڪيون، ائين ڪندي اسين پاڻ مڪتي حاصل
نداسين.
ڪروڪيتر هڪ اهڙو جهان آهي جتي اسين جيون جيئون ٿا،
نجي حواسن ۾ من ورتيءَ جي نزاڪت جي وچ ۾ ويڙهه ڪي ڏسندا
ون ٿا.
ڌرتراشٽريہ، من جي نشاني آهي جيڪو انسان جي نازڪ ويچارن
جنم ٿو ڏئي. جيئن تہ آتم سندس حفاظت ۾ هو، هو اُن ڪارڻ
ديالو هو. گنڌاري سورداس ڪانہ هئي پر هن پاڻ ئي سورداس ٿي
پسند ڪيو انسانن ۾ ڏسڻ جي چاهنا هوندي آهي پر پوءِ بہ هو
ن ڏسندا آهن.
ڪو بہ پانڊو پنهنجي ماءُ جي پتيءَ دواران جنم وٺي ڪين آيو هو.
ن ماتا ڪنتيءَ لاءِ ڪيترا ئي ديوتائون هئا، جيڪي پانڊون جا پتا
ڪرڻ جو پيءُ سوريہ ديوتا هو، يڌشٽر جو پيءُ ڌرم هو، ارجن
پيءُ اندر ديوتا هو، جيڪو ديوتائن جو ديوتا سڏبو هو. وايو ديوتا
نيءَ جو روپ سڏبو آهي ۽ هو ڀيشم پتامهہ بڻيو. اشوني ڪمار
نڪل ۽ سهديو جو پتا بڻيو. اسان جا حواس پرمارٿ گيان تي
رڪندڙ آهن ۽ سندن ئي ناهہ نوهہ دواران اسين موجودهہ ديهہ ۾
ون. سندن اصل نالو هو پرٿا، جيڪو بدلجي پرٿوي ٿيو يعني
. هن ڪنتيءَ جو روپ تڏهن ورتو جڏهن ڪنتي ڀوڄ ڪيس گود
نو، ان طرح پانڊون جو جنم پرٿويءَ ۾ پرم پرسارٿ جي سنگم
ٿيو يعني دنيوي سرير ۽ آتما دواران.
رڻ جو جنم سورج ديوتا ۽ ڌرتي ماتا دواران ٿيو. انسان جو ايمان
۽ جڻ تہ نقاب آهي، صرف گرو ئي آهي جيڪو اُهو نقاب/پردو
ي ٿو سگهي. گرو ئي آهي جنهن مدد سان انسان جو اهنڪار ناس
ي.
رشن جي شڪل صورت ۽ ڀيهڪ لاءِ بہ ڪي سوتر مقرر ٿيل آهن
نيرو رنگ، سندس انحد روشنيءَ جو چنهہ آهي اُهو آڪاس ۽
جي پاڻيءَ جو رنگ آهي. وسترن جو پيلو رنگ ڌرتيءَ جي

مهاڀارت ۾ انتردرشٽيءَ جا سوتر

مهاڀارت ۾ ڪيترا ئي گهري معنيٰ وارا سوتر ورنن ڪرڻ ۾ آيا
آهن. ويچار ڪيو تہ دروپدي هڪ منش شرير آهي ۽ پانڊو آهن پنج
حواس، جن سان سندس وهانءُ ٿيل آهي، سندس ڀيريان هڪ سؤ ڪورَ
سؤن من جي اُڇلندڙ لهرن جي طرح آهن.

يڌشٽر ويچاري ٿو تہ جيئن تہ هو هڪ قابل جوئاري آهي، هو
ڪورون تي جيت حاصل ڪندو، حواسن جو بہ اِهو ئي ارادو آهي تہ
هو هن جي نازڪ حالتن تي وجيہ حاصل ڪري سگهندا. پانڊو تيسين
جوئا ڪندا رهيا جيسين هنن هڙ ئي هارائي ڇڏيو، جنهن ۾ سندس
پتنيءَ جو بہ شڪار ٿي چڪو هو. اهڙيءَ طرح اسين بہ پانڊون جيان
پنهنجا ڀاو هارائي ٿا وهون ۽ پوءِ آتمڪ گهيري کان ٻاهر اُڇلجي ٿا
اَچون. دروپدي خود ئي مهان شخصيت هئي، جنهن حالتن کي
بچائي ورتو البت اسان جو شرير اسان کي ڇڏي نٿو، جڏهن ڪ اسين
ڏکجي ٻاهر ٿا نڪرون.

البت ڪي سليون نعمتون بہ آهن ڪورون جي گروهہ ۾ ڪي اهڙ
چڱا جيو بہ آهن پوءِ بہ ڪرشن، ارجن کي سيني کي ناس ڪرڻ لا
صلاح تو ڏئي، ان خيال کان جي بہ ويچارن جون لهرون من ۾ اُڇ
ٿيون ڏين، اُنهن جو خاتمو ٿيڻ گهرجي، ڀل اُنهن ۾ ڪي چڱيون
خاميون ۽ نصيحتون ڀريون بہ هجن. ڪرشن سمجهائي ٿو ”هو تہ ا
ئي مئل آهن، تون تہ هڪ بهانو ٿيندين، هڪ هٿيار ٿيندين، اهڙي
حالتن کي پيدا ڪرڻ جو.“

اگر ڪنهن بہ منش کي جاگرت چيتنا لاءِ لاڀ حاصل ڪرڻو آهي
ڪيس انيتي ڀاونائن جو تياگہ ڪرڻو پوندو پوءِ اُهي چڱيون هجن
ڇليون. اُنهن لاءِ اسنتوش ٿئي ڪين، نہ وري انسان کي هنن ڪجھ
ارپيو آهي هو تہ اڳہ ئي ختم ٿيل آهن. اسين پنهنجي ڪرتو

آدي گرنٿ ۾ ڪرشنا اُستتي



راڳ مارو محلا پنجوان (١٠٨٢) ۾ ڀڳوان شري ڪرشن کي سديو قائم دائم پار برهم پرميشور ءِ اندر جو حال ڄاڻڻ واري اوتار جيان ورنن ڪيو ويو آهي. ڪيس مڌسوڌن، سوامي، ڏاموڏر، اندرين جو مالڪ، گووردن ڌاري جهڙن سهڻن شبدن سان سنمانت ٿور هردي کي ڪينچڻ وارو ڪري پڌرو ڪيو ويو آهي.

اڇت پار برهم پرميشور انترِيامي،
مڌسوڌن ڏاموڌر سوامي،
رکي ڪيس گوورڌن ڌاري،
مرلي منوهر هر هر رنگا.

ي ڀڳت ڪبير واڻي (٣٣٨) ۾ بہ اچي ٿو

بندرابن من هرن منوهر - ڪرشن چَراوت گائوري،
جاٿا ڪرتهي سارنگہ ڌر - موم ڪبيرا نائو ري.

ن کي موهت ڪرڻ وارو شري ڪرشن بندرابن ۾ گانيون پيو
ي، شري ڪبير ڀڳت فرمائين ٿا تہ هي سارنگہ ڌر پريو جهڙيءَ

نشاني آهي. اُن پيلي رنگ تي گهاٽو نيرو رنگ ڪرشن جي آتما
طرف ڏيان ڇڪائي ٿو، جنهن ۾ ڪرشن جو سارو سرير ڍڪيل آهي.
ان طرح ڪرشن ديهه ۾ آتما جو سمپورڻ نشان آهي، جنهن کي
سمجهڻ تڏهن سولو ٿئي جڏهن توهين ۾ اسين گهرائيءَ سان اُن انمول
درشتيءَ کي جاڻڻ جي ڪوشش ٿا ڪيون. اسين جڏهن هر وقت
صحيح سمجهڻ جو يتن ڪنداسين تہ محسوس ٿيندو تہ ابان ۾ ۽
ڪرشن ۾ ڪو ڀيد ڪين آهي، ڪا ورچ ڪانہ آهي. ڪرشن هجي يا
وشنو، جن کي اسين ديوتا ڪري ٿا پوڄيون اُهي اسين خود پاڻ ئي
آهيون.

★★★

ڪرشن جي منڙي بين

ڪرشن منڙي بين وڄائي - منهنجي ئي گهر ۾،
گوپين سهڻي راس رچائي - منهنجي ئي گهر ۾.
گوال بال سڀ گڏجي آيا - گيت گنجايا،
راحت ڇم ڇم ڪندي آئي - منهنجي ئي گهر ۾.
ڪنولين باجا بگل وڄائي - من للچايو،
برکا رنگہ ڍنگہ سان ڇائين - منهنجي ئي گهر ۾.
ڊوڙي ڊوڙي آيون گانيون - بندرابن مان،
تن جي چال ۾ مستي آئي - منهنجي ئي گهر ۾.
مور مکٽ پيتامبر پهري مڌسوڌن مڪيو،
عجب سندس هرڪا انگڙائي - منهنجي ئي گهر ۾.
پکين پر پکيڙي سواگت لاءِ - سنبري آيا،
سيني گڏجي خوشي منائي - منهنجي ئي گهر ۾.
پوءِ پياس نہ پوري ٿي آ پياسي جي من جي،
ڪين اندر جي اُڃ اُڪهائي - منهنجي ئي گهر ۾.

-ڪمل پياسي

چڻ لاءِ، جنهن جي اندر ۾ نام ڪين آهي اُهو انسان ناهي. هڪ وڏي
ونداهي گهر وانگر، جتي نه بتي نه روشني. اُن تي دادا جشن زور ڏيندي
هرايو

مون گهر ڏيئڙا بار - شيام شمع تون بار

ڏهين پاتشاهي گرو گوبند سنگهه ڪبجا داسيءَ جو ورنن ڪندي،
ڪرشن اوتار جو ورنن ڪيو آهي.
شيام ڪو روپ نهارت هيءَ، ڪب شيام ملي، من اب هي سکهه پايو.
شيام جو روپ ڏسندي ئي ڪُبيا سکهه پراپت ڪيو، جنهن جو آنند هن
انيڪ سميه تائين دير ناد ڳائڻ سان به ڪو پائي نه سگهي ان ڪري
ڀيا ڪيڏي نه ڀاڳن واري، هن پنهنجن هٿن سان هريءَ جي سچي
ير ڪي سپرش ڪيو. ڀڳت ڪبير به پنهنجيءَ ٻاڻيءَ دواران اهو دهرايو

گاءِ گاءِ ڙي، دلهني منگل چارا
ميري گهر تو آئي راجا رام ڀتارا (رهاءُ)

منهنجي گهر ۾ راجارام ڀتار تي آيو ان لاءِ ور ور خوشيءَ جا گيت
و، ڀڳت ڪبير ڪي ڪيڏو نه موهه هو ڀڳوان لاءِ. رام ڪي پائي هن پاڻ
وڏ ڀاڳي تي سمجهيو.
ڏهين محلا پهلا (٥٦٧) ۾ ڀڳوان جي سونهن جو ورنن آهي جنهن
ب سندس نيتر ته سندر آهن پر ڏند، نڪ ۽ وار به سهڻا ۽ شاندار آهن.
وانگر سندس ڪايا چمڪي ٿي. جيڪي سکيون ڪرشن نام جي مالها
نديون آهن اُنهن ڪي ڪرشن اُچارڻ چالو رکڻو آهي.
اڳه مارو محلا پنجوان (١٠٨٢) ۾ اهو صاف ڄاڻايل آهي ته رامچندر
ر به ڪرشن جوئي روپ آهي جنهن ڪي واسطو ۾ ڪو روپ ريکا نشان
هي ۽ نه ڪا بندش آهي، نه مالها تو ڦيري نه هٽ ۾ سدرشن چڪر
. سندس درشن بيان ڪان ٻاهر آهي. سندس اڪيون هزارين، هٿ
ين، هو ئي هڪ داتار آهي باقي سڀ منگتا. هو آهي ڀڳتن ڪي پيار
ڙ، اَناٿن جو ناٿ، واسديو جو پٽ آهي، نرنجن آهي، نرليپ آهي،
آهي پوءِ هر ڪنهن سان انگ سنگ آهي. سندس هر رنگ گڻن سان

طرح تون راڌان جو ٺاڪر آهين اُن طرح تنهنجي هڪ پريميءَ جو نال
اٿيئي ڪبير.

شري ڪرشن جو روپ ڏسي گوالي راڌان موهجي ويئي ۽ چوڻ لڳي
تہ ”مونکي ڇڏي نہ وڃجانءِ وري واپس اچجانءِ.“ ڪيس پريوءَ جي
چرنن سان من لڳو آهي جنهن کي اُهو ملي اُهو وڏ ڀاڳي.

دادا ساڌو واسواڻي ٻڌائين ٿا تہ ڳهڻا ورهيہ ٿيا جو هڪ فقير
سنڌيءَ، پنهنجي هنن وچنن ۾ اُچاريو هو.

شيام اسان نون دکلايا عجيب اسرار

شيام آيو ۽ اُن اسان کي عجيب اسرار ڏيکاريو. شيام آيو سونهن ۾
حسن ۾، هن جو انگہ انگہ هو بي رنگہ ”روپ سبونتي ڳهن ڪري آيا“
هي پيارو عجيب روپ ۾ آيو. پوشاڪ پائي آيو سونهن واري، ڪيڏو
عجيب اسرار. هن اها سکيا ڏني ”جن کي دکہ آهي، درد آهي، تن کي
همدردي ڏجو.“ شيام سندر آيو، هن اچي ڏيکاريو نور الاهي، اهو هو پيا
جو نور.

ساڳيءَ طرح دادا جشن واسواڻي ٿو پڪاري ”منهنجا پريتم، منهنج
ٺاڪر، نون مون گهر آءُ، جيئن مونکي تنهنجو درشن ديدار.“

شري ڪرشن ڪير هو؟ سوال دادا جشن پڇي ٿو پاڻ ئي اُهو پڌرو
ڪري ”شري ڪرشن هو پريم ۽ پيار جو اڪٽ ڀنڊار.“ ڪرشن اچي وراهي
پنهنجي دل جو پيار. پيار ڏنائين انسانن کي، پکين کي، پسن کي
ڳاين کي، گهوڙن کي، ڳانين جي آرتي ڪندو هو، ڳانين کي موتين جي
مالها پهرائيندو هو، شيام اچي پنهنجو پيار پياريو، نانگن کي، ندين کي
لڪڙين کي، پهاڙن کي، پشپن کي، پتن کي، واريءَ جي هڪ هڪ ڪڻ
کي، پاڻيءَ جي هڪ هڪ قطري کي، روشنيءَ جي هڪ تروري کي، شيا
پيار ڏنو چڱن کي ۽ لڱن کي. هن پيار ڏنو پاپين کي ۽ گنهگارن کي پ
جي تون پنهنجي پياري ڪرشن جو درشن ڪرڻ چاهين ٿو تہ نما
ٿيءُ، خوديءَ کان خالي ٿيءُ، انسان کي هيءُ مانڪ جنم مليو آهي نہ

اُهو ئي ”نوُر حسن نروار“ نور الاهي، نور اسراري، اچي هن ڏيکاريو ته پيار جو نور ڇا آهي. دادا جشن واسواڻي پنهنجي اننت ڀاونا جو اظهار ڪري ڳائي ٿو.

رهه دل نماڻو - خوديءَ کان خالي/پسين تون پيارا، پنهنجو ڪرشن پيارو

جي تون پياري ڪرشن جو درشن ڪرڻ چاهين ٿو ته نماڻو ٿيءُ، خوديءَ جو پردو هٽاءِ ته پنيان ڪرشن بيٺو آهي. انسان ڪي هيءُ مانکه جنم مليو آهي نام جپڻ واسطي. جنهن جي اندر ۾ نام ڪين آهي اُهو اونداهي گهر جيان آهي، جتي نه آهي ڪا بتي ۽ نه روشني.

مارو راڳه ۾ ڀڳت ڪبير به آخرين پد ۾ ائين ٿو چوي :

ڪبير ڪا ٺاڪر آنند بلودي - ذات نه ڪا هوُکي ماني

ڪبير چوي ٿو ته منهنجو ٺاڪر آنند دائڪ آهي، ڪوتڪ ڪندڙ آهي، هو نٿو پڇي ذات ۽ نه پات، پوءِ به هن جي شڪتيءَ کي ڪنهن ڄاتو ڪينهي.

گرو گوبند سنگهه دسم گرنٿ، ڪرشن اوتار (۳۲۹) ۾ اِهو صاف ڪيو آهي ته مرليءَ جي مڌر ڌن سان وڻن مان رس نڪرڻ لڳو. پهاڙن مان سڪدائي جهرڻا وهڻ لڳا، بن ۾ هرڻن گاهه کائڻ ڇڏي ڏنو، مرليءَ جي ڌن ي پکي به راضي ٿي ويا.

ديو سڀي ملي ديکت ڪوُتڪ - جڏه مرلي نندلال بجائي

محلا پنجوان (۱۱۰۰) ۾ گرو ارجن ديو جن چون ٿا :

پريوءَ جو مکه الوپ آهي، سندر آهي. شال اٺ ئي پهر پئي ڪيس هاريان سمهي پئي هئس جو سپنن ۾ پنهنجي شهر ۾ ڏٺم اُن سپني کان لهار وڃان.

سجڻ مک انوپ - اٺ ئي پهر نماليا

ستري سوسهه ڏٺو - ته سپني هئه ڪنڊئي.

شل اهڙي منڙي مالي جي سڀ تي مهر ٿئي.

★★★

ڀرپور آهي.

نرنڪار اجل اڏولو - جوت سروپي سڀ جڳہ مئلو،
سوجن ملي آپ ملائي، آپي ڪوءِ نہ پاونگا،
آپي گوپي، آپي ڪانُ - آپي گئو چر دي بانا،
آپ اُپاوھہ، آپ کپاوھہ - تُڌُ ليپ نهي ايڪ رنگا.

پريو تون لڱڀڄڻ جو نہ آهين، تون جوتي سروپ آهين، ساري جڳہ ۾
تون گُل جيان نڙيو پيو آهين، پريو تو سان ملي اُهو ئي جنهن تي
تنهنجي ٻاجھہ ٿي ٿئي. تون پاڻ ئي گوپي آهين، پاڻ ئي ڪرشن
آهين، تون پاڻ ئي گئو چرائڻ وارو گوالو آهين، پريو تون اُپائين ٿو، تون
ئي ناس ڪرين ٿو. تون پاڻ نرليپ آهين، منهنجي هڪ ئي زبان
تنهنجا گڻ ڳائي نٿي سگهي. اڪيچار آهن تنهنجا نالا، جنهنجو انت نٿو
ڄاڻي سگهجي. جيڪو بہ تنهنجي شرڻ اچي ٿو، اُن کي پئہ ساگر مان پار
ٿو اُتارين.

شري گروارجن ديو چون ٿا ”هي هري ! جيڪڏهن توکي وڻي تہ مون
کي بہ سنتن جي سنگ ۾ رکہ، پنهنجي دامن جو داس ڪري.“

ڀڳت نامديو (ماليگوڙا ٻاڻي نامديو جي (١٩٨٨) ڀڳوان جي ڏن ۾ ايترو
تہ مگن ٿي ٿو وڃي جو جڏهن هو ڪرشن جي مڌر بين ٿو ٻڌي ت
محسوس ٿو ڪري تہ اُن مان مڌر مڌر انحد شبدن جي ڌن پيئي نڪري
هن لاءِ اها ڌُن رڌ جي اُنَ آهي جنهن مان هو ڪمبل ٿو ناهي. هن لاءِ اِ
ڌُن ماتا ديوڪي آهي جنهن جي گهر ۾ لڇمي خود بہ خود پڌاري آهي

هن لاءِ ڌُن بندرابن جو اُهو حصو آهي جتي نارائڻ پاڻ راس ليلا ت
کيلي، هو بنسري وڄائي، گايون پيو چرائي. نامديو لاءِ سنْدس سوامي آنن
پيو ڪري.

ڌن ڌن اوراھہ بين باجي - مڌر مڌر ڌن اُنحد گاجي (رهاءُ)
بين بجاوي گوڏن چري - نامي ڪان سوامي آنند ڪري.

ڪيڏي نہ اُڪير آهي ڀڳت نامديو جي پنهنجي ڀڳوان ڪرشن لاءِ. ا
طرح جو ماڌو واتاورڻ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن ڪرشن هڪ هڪ ڏانهن نهار
ٿو تہ هو بہ ڏاڍو گد گد ٿا ٿين.

جيڪا پٽراڻي ليکجڻ ۾ ايندي آهي. هوءَ پاڻ به نه لڪشميءَ جو
وتاري روپ هئي. ستيڀاما جو وهانءُ وري ستيجيت سان ڪرايو ويو،
جيڪو ڪرشن جي خلاف ڪيل ڏوهه لاءِ، پڇتاءُ ڪندي شراپ جي
رح هو. جهباون جي ڌيءَ جهباونتي جيڪا تيترا يگ کان دوارا يگ
ائين رهندي هئي ۽ ٻيون پنج هيون متراوندا، ڪالندي، گنگاجيت،
درا، لڪشانا. اُنهن سڀني کي ڪرشن سويمور ۾ جيتيو هو.

دوارڪا ۾ ١٦ هزار زالن جو واپس ورندي ئي هن اُنهن سان شادي
ئي ۽ کين الڳ الڳ محل جوڙائي ڏنو. تڏهن به هو هر ڪنهن سان
گهارڻ لڳو. اُهو اُماس جو ڏينهن هو، جڏهن چنڊ آب-و-تاب سان
ڪي رهيو هو. ائين سڀئي راڻيون نرڪاسورا جا شڪرانا مڃينديون
رهيون، جنهن کين پاڻ وٽ قيد ۾ رکيو هو. سندس جيون جي
اهش پوري ٿي جڏهن ڪرشن سان سندن وهانءُ ٿيو هن موقعي کي
ڏياري ڪري پڌرو ڪيو ويو.

ي به هڪ وارتا آهي، جنهن موجب رام جي اوتار ڌارڻ سمي
ري ملهائي ويندي آهي. دسهڙي (وجئه دشمي) جي ڏينهن رام
ڻ کي ماري، اُن ڏينهن ايوڌيا موٽي ٿو، هيءُ ڏينهن راوڻ جي موت
٢٠ ڏينهن پوءِ جو هو. رام ڄاتو ٿي ته ١٤ سالن جي بنواس کان
اگر هو مقرر ڏينهن تي ايوڌيا نه موٽيو ته ڀرت پنهنجو جيون
ت ڪندو. رام ۽ سيتا کي پردوان جي ڪليا ۾ رهڻو هو، ڇو ته
پنهنجي شرير ۽ ويچارن کي شڌ رکڻ لاءِ هن کين ديوتا وستر ڏنا
جيڪي موٽائڻ ضروري هئا. ان ڪري مقرر ڏينهن تي رام ايوڌيا
اچي نه سگهيو. هن هنومان هٿان ڀرت کي نياپو موڪليو ته اِهو
ڻ لاءِ رام، لڇمڻ ۽ سيتا موٽي رهيا آهن ۽ هن وقت رستي ۾
، جيئن ته اُهو اُماس جو ڏينهن هو، چنڊ جي نه هئڻ ڪري
ن اونداهيون هيون، جنهن ڪارڻ ٻتيون ٻاري روشني ڪئي وڃي.
ر ڀارت ۾ هن ڏينهن کي ديپاولي چئبو آهي، ڇو ته روشني جي
ن ٻڻجندي آهي، پر ڏکڻ ڀارت ۾ ديپاولي جو لاڳاپو ڪرشن اوتار
هندو آهي جيڪو دواپري يگ ۾ ٿيو. ★★★

رام - ڪرشن مهما ۽ ڏياريءَ جو ڏڻ

ڀڳوان ڪرشن دئاپورا يگ ۾ وشنوءَ جو اوتار هو. هن ڪيترن ئي دئيتن جو وناس ڪيو. جن ۾ هڪ هو نرڪاسُورا. ڪرشن هن سان يڌ ڪئي ڇو تہ هو جتي ڪٿي دقت پيدا ڪندو ٿي رهيو. شڌ ۾ پوتر آتمائن کي هن ايذاءَ ٿي پهچايا.

ڪرشن جڏهن يڌ جي تياري ٿي ڪئي تہ سندس پتني ستيياما بہ ضد ڪري رهي هئي تہ هو کيس بہ پاڻ سان گڏ وٺي هلي. ستيياما کي بہ جنگ جوئڻ جي ڪلا ايندي هئي. هوءَ نرڪاسُورا سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيندي ئي گروڙ پکيءَ جي پٺيءَ تي ويهي رهي. ڀڳوان ڪرشن بہ گروڙ تي سوار هو. ڪرشن ستيياما جي ان اڇا کي جڏهن منظور نہ ڪيو تڏهن ستيياما وينتي ڪئي تہ هوءَ صرف ڏسڻ ٿي چاهي تہ ڀڳوان ڪرشن ڪيئن ٿو جنگہ جوٽي. گهڻيءَ آزيءَ نيزاريءَ کان پوءِ ڪرشن ستيياما کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ لاءِ راضي ٿيو.

ڀاڳوت پراڻ ۾ آيل آهي تہ ڪيئن ڪرشن ۽ ستيياما يڌ ڪيتر ڏانهن راهي ٿيا. نرڪاسورا پرڳہ جي تيساپُرا نالي محل ۾ رهندو هو جيڪو آسام پرڳٽي جي اُتر اوير طرف هو. ستيياما پاڻ ئي يڌ جي شروعات ڪئي ۽ آريءَ طرف تير ڇوڙيائين. آخر ۾ نرڪاسورا جو موت ڪرشن جي هٿان ٿيو ۽ سندس پٽ ڀاڳادتا کي گادي نشين ٻڌايو ويو. اُهو ڏينهن نرڪا چوڏس ڪري ملهايو ويندو آهي جيڪو اونداهي پکش جو ١٤ ڏينهن هوندو آهي.

جيئن ئي نرڪاسُورا جو موت ٿيو، ڪرشن ۽ ستيياما محل ۾ پرويش ڪيو اُتي خبر پين تہ نرڪاسُورا ١٦ هزار استرين کي پنهنجي قبضي ۾ رکي ويٺو آهي. ڪرشن ۽ ستيياما کي ڏسندي ئي اُنهن استرين ڪرشن کي وينتي ڪئي تہ هو هنن سان شادي ڪري، ڇو تہ هن ئي کين بند مان مڪتي ڏياري آهي. ڪرشن سندن عرض اگهايو ۽ چوڏن شادمانا ٿي ويا. اُنهيءَ واردات کان پوءِ ئي چوڻ ۾ ايندو آهي تہ ڪرشن جون ١٦ هزار راڻيون هيون، جن ۾ رڪمڻي بہ اڇي ٿي وئي

ئنس گلن بابت ۽ اُنهن کي هٿ ڪري وڪڻڻ بابت خبرچار ونڻ
روع ڪيم. هن اُهو سڀ چاهه سان وستار ۾ ورنن ڪيو، تڏهن سوال
يومانس ته جنهن فارم تان هو گل خريد ڪندو آهي هو مونکي اُتي
ي هلي سگهندو؟ هن يڪدم ها ڪئي. اسان پوءِ ٻئي ڏينهن صبوح
۱۱ بجي جو وقت طئه ڪيو، تيسين هو سڀ گل وڪٽي ڇڏيندو
.

مقرر وقت تي مان اُتي پهچي ويس، اسين رڪشا ذواران سفر ڪري
ن منٽن ۾ شهر ڪان ٻاهر اچي وياسين. هو پوءِ پنهنجيءَ ڪيتيءَ
ف هلڻ لڳو ۽ مونکي پنيان اچڻ لاءِ چيائين. واٽ تي ڪيترن ئي
ڙرن وٽ رڪيو، جتي هو نت نيم سان پوڄا پاٺ ڪندو هو. مونکي
ڪجهه عجيب طرح جو لڳي رهيو هو. هر هنڌ هو ٻارن ۽ ٻين
ب لوڪن کي پرساد وراهيندو تي رهيو. هر هنڌ ڌرتيءَ تي هلندڙ
لين ۽ ماڪوڙين کي به ڪاڌو ڏيندو تي رهيو.
ن جي وڪه تمام تڪڙي هئي، جنهن ڪري مونکي به هن سان
ر ۾ قدم تڪڙو ملائڻو تي پيو، پوءِ به ڪجهه اهڙو هو جو مان
ب ۾ پئجي تي ويس. هو مون سان ڳالهيون به ڪندو تي هليو ۽
جو نيمت ڪاريه به ڪندو تي رهيو. تنهن اِهو تي لڳم جو هو
ب شخص هو ۽ چوڌر ڪنڌهر عمارتن بابت مونکي گهڻو ڪجهه
يندو تي هليو.
وڻندي نه معلوم مان اُتي ڇو رڪجي پيس جتي هن ڪولين کي
ڏنو هو. اُتي هڪ مور جو ڪنڀ رڪيل هو، جيڪو ڪرشن جي
ي ڪري مڃيو ويندو آهي. ويندي وقت ته اُهو اُتي هئو ڪين
وري آس پاس ڪو مور ئي ڏسڻ تي آيو. مون اُهو ڪنڀ هٿ ۾
پاڻ تي مالڪ جي مهر سمجهيم.
ن وري ٻئي ڏينهن به مندر طرف ويس، خاص اُن شخص سان
ت ڪرڻ لاءِ. هو اُتي موجود نه هو، پر هاڻ ڪيس مون لاءِ چاهه
هو. هو هاڻ هڪ عام طرح جو جيو تي لڳو. مونکي ڏسندي به
مون لاءِ من ۾ ڪو اُتساهه پيدا ڪين تي ٿيو. مان خود عجب

ڪرشن جو وچتر نموني ۾ درشن

اسان جو احمدآباد کان پيلواڙا (راجستان) اچڻ وڃڻ اڪثر ٿيندو آهي. اُديپور کان ناٿ دئارا ڪو گهڻو پري ڪين آهي. پيلواڙا وڃڻ لاءِ ٻه رستا ڦٽن ٿا هڪ چتورگڙهه کان ٿيندو ۽ ٻيو ناٿ دئارا کان ٿيندو. هڪ لڳا اونهاري جي گرميءَ کان بچڻ لاءِ اسين ناٿ دئارا ۾ هڪ ڌرمشالا ۾ ڪجهه وقت لاءِ ترسياسين، پوءِ ٻه درشن لاءِ ايتري ت پيڙ هئي جو اُهو پروگرام مهمل ڪري سڌو پيلواڙا وياسين.

منهنجي من ۾ هر ڪُڙ هئي ته مان مندر ۾ ڀڳوان ڪرشن جو درشن ڪيان، جيسين مان ناٿ دئارا اڪيلو وڃان ٿي وڃان، پاڻ کي جڻ ت بند پڃري ۾ اڪيلو ٿي پانيم. ٻاهران ته سڀني سان ملڻ جهلڻ ٿيند هو پر اندر هر ويل اُڻ تُڻ. آخر ۾ همت رکي پنهنجي گروجن کا آشيرواد وٺي اڪيلو ئي ناٿ دئارا ڏانهن روانو ٿيس.

راجستان جو هيءُ مشهور تيرٿ آستان آهي، جتي ڪرشن جا پوڄا آراڌنا لاءِ جتان ڪٿان جا ڀڳت ايندا رهندا آهن.

جيئن ته ناٿ دئارا جي هيءُ منهنجي پهرين ياترا هئي، مان خ هڏٻڏ ۾ هوس من ۾ هاڪاري ويچار به اُٿندا هئا ته ناڪاري ويچ به ايندا هئا، پوءِ به اها منهنجي پربل اڇا هئي ته مان ڀڳوان ڪر جو درشن ضرور ڪيان. مندر طرف وڪ وڌائيندي ويچار آيو ته ٻ ڪجهه نه ته گهٽ ۾ گهٽ ڀڳوان کي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ڪي گل خريد ڪيان، متان پربو منهنجي اُها ڀيٽ سويڪار ڪري.

مندر طرف ويندي رستي تي ڪيترا ئي گلن وڪڻڻ وارا دڪ هئا، جنهن ڪري مون لاءِ اهو ڏکيو ٿي پيو ته مان ڪهڙي دڪان گل ڳنهان. آخر ۾ هڪ ٻڍڙي کي گلن جي دڪان تي ويٺل ڏٺم. جو اگهه به واجبي هو. لڳم ٿي ته گُلن جو آخرين جٿو بچيو هوس مون هن کان گل خريد ڪيا ۽ هن جيڪو اگهه ٻڌايو اوتري ڪيس ڏنم. مندر مان موٽندي مان وري هن جي دڪان ويس، جيئن هن کان مندر بابت ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪري سگه

تنهنجي رحمت سڀ لاءِ نعمت

گرووائٽيءَ ۾ گرونانڪ ديو چوي ٿو ”جيڪو شخص سچائيءَ
سادگيءَ جي مارڳ تي قدم رکي ٿو، اُهو سيني جي ساک ٿو حاصل
ڪري.“

رگ ويد سُڪتي هدايت ٿو ڪري ته اسين هميشه سک، صبر ۽
شانتيءَ واري وات وٺون جيڪا سيني لاءِ سٺائي ٿئي. سنت ناماچار
چيڪيتا کي ٻڌائي ٿو ”الک پڻ اُها ئي سچائيءَ جي وات ٿو ڏسي
، اسين هر روز چڱائيءَ جو مارڳ پڪڙيون، خود پاڻ سان به ان طرح
و ورتاءُ ڪيون، البت ٻيائي اُتي قدم وڌائيندي جت خودغرضي
وندي، جت صرف پنهنجي لاءِ ئي سوچيو ويندو.“

ساري انسان ذات ٽن طبقن ۾ وراهيل آهي. هڪڙا اُهي جيڪي
ميشه ٻين جو ڀلو چاهين ۽ ائين ڪندي پنهنجي دک ڏانهن
رواهه رهن. هو درخت جيان ٿين جي سدائين ٻين کي ڇانوَءَ
ندا رهن؛ ڀل پوءِ ڪين ڪٽيو يا ڪاپيو ڇو ڪين وڃي.

بيا وري اهڙا شخص ٿين جي چڱائي ان حساب سان ڪن، جنهن
ن ڪا هاڃي يا رنج پراپت نه ٿئي. ائين ڪندي هو برائي ڏسن ئي
ين ”منهنجو به ڪلياڻ، تنهنجو به ڪلياڻ“ اهڙا انسان حقيقت
منش آهن.

ٽيان وري اهڙا ٿين جيڪي ٻين کي ڇيهو رسائڻ ۾ پنهنجي
ڪليف يا پيڙا جي پرواهه ئي ڪين ڪن. هو ٻين کي حيران ٿيندو
ي آنند ماڻين، اُهي آسورا آهن ۽ ڪنهن به ريت ديوتا ٿيڻ لائق
ن ٿين پوءِ به اگر اسين منش ٿيڻ چاهيون ته اسان کي آسورا
ب ڪنهن به حالت ۾ مڙڻو ڪينهي.

ڀڳوت گيتا ۾ آيل آهي ته جن ۾ سمجهه ۽ ٻڌيءَ جي ڪوتاهي

ڪائي رهيو هوس.

مان پنهنجي رهائش واري هنڌ تي موٽي تي آيس ۽ اُن واردات تي سوچيندو ئي رهيس. منهنجي سوچ جي دائري موٽڪي يقين ڏياريو تہ مون اُن شخص جي روپ ۾ جڳت پريوءَ جو درشن پاتو هو ۽ اهو سڀ هن پنهنجين ڳالهين دئاران محسوس ڪرايو هو. هن جيڪو بہ وقت مون سان گهاريو، اُن لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان خاص اُن لاءِ جو هن مندر بابت سارو اتهاس ٻڌايو.

مان هاڻ پڪ سان چئي ٿو سگهان تہ ڪوئي بہ اگر پريوءَ سان ملڻ چاهي تہ ملي ٿو سگهي، پوءِ اُهو ايڪانت ۾ هجي يا ڀيڙ ۾ يا ڪهڙي بہ هنڌ هجي. هيءَ آهن هنجا عجيب رنگ ۽ رستا، نمونا ۽ طريقا. اسان کي صرف سچيءَ درشٽيءَ سان محسوس ڪرڻو آهي، من ۾ سمپورڻ وشواس رکي.

★★★

چتريائج گرناڻي - بنا تاريخ آگسٽ ٢٠٠٨

هر هڪ توهان جو ليک دل لپائيندڙ آهي. جنماشٽميءَ واري هندواسيءَ ۾ اوهان جي ليک جي هر لفظ ۾ سچائي ۽ گهرائي، دل کي ڇُهي ڇڏي، ايشور جي قريب آهي.

ديا لکي جشناڻي - (روبرو)

توهان جي دل ۾ اهڙا اوچ خيال اچن ڪٿان ٿا؟ پنر جنم جا ورق تہ کين پيا ٿا ورايو. فخر اُتم جو توهان جهڙيءَ شخصيت دواران مون بہ ڪيڏو نہ پرايو آهي.

١) ''اوم تت ست'' مکيہ منتر آهي، هميشہ ست ڪرم ڪرڻ گهرجي.

٢) شرڌا سان ڏنل دان پوتر آهي.

(ڀڳوت گيتا اڌياءُ ١٧)

جڏهن هڪ ننڍڙي ڪرڙي ٻيءَ ڪرڙيءَ کي ڪاڏو آڻي ڪارائي سگهي
۽ اُهو به ڪافي سالن تائين ته پاڻ پسونءَ جي پيٽ ۾ گهڻو ڪجهه
ڪري سگهون ٿا.

ٻئي ڀاڱي ۾ رگ ويد شڪتي اسان کان ٿي سوال ٿو پڇي ته
پنهنجي ساري جيون ۾ ڪيئن نت نيم پنهنجو ڪاريه ڪندا. هو
ارن-سورج دواران هر جيو لاءِ گرمي ۽ روشني پاڻ وٽ سوگهي ٿو
ڪي، جيئن انسان پنهنجو روز مره جو ڪاريه ڪندو رهي. توهان جو
يون به ان طرح ٻين جي جيون لاءِ اوجالي ۽ گرميءَ جو ڪارڻ
نجي، البت ائين ڪندي توهان کي نه ستائجي ۽ نه پيڙا ڏجي.
يارت ۾ ڪرڻ کي سورج پتر ڪري ڪوٺيو ويو آهي ۽ سڄ جي طرح
به ٻين کي روشني ۽ گرمي ڏيندو ٿو رهي، جيئن سورج ديوتا
شي ٿو. اهڙي وات ونو ۽ ان طرح پنهنجو شان، مان ۽ آبرو ڪمايو،
ئن توهان جي سيني پائرن ڪمايو آهي.

★★★

ڪي.ايس. پنچي (فون دواران-١١-٥-٢٠٠٨)

''گنگا جو جل امرت امرت'' پهتل آهي. توهين هاڻ سنپرش
ٽجي ويا آهيو. هن پستڪ تي ڪيل توهان جي محنت جو اندازو
ائي ٿو سگهجي اسان جهڙا چڙهيل عمر وارن لاءِ هئڙا پستڪ لاڀ
ئڪ آهن.

سونت ڪمار جيتواڻي (مانجهي، ١٧-٥-٢٠٠٨)

اوهان جو پستڪ آڌياتمڪ اپياس وارو آهي، ڪتاب ۾ گهڻين
ڌرمي ڳالهين تي هٿ هلايو آٿو، رٽاير ٿيل عمر ۾ ماڻهو ٽائيم
س ڪرڻ لاءِ ڪا نه ڪا ورتي ڪٽندو آهي. توهان ۽ مان هٿ
ئي اَڄ جي ماحول ۾ لکون به پاڻ ته پڙهون به پاڻ.

آهي، اُهي صرف پنهنجي فائدي لاءِ ئي ڪم ڪن؛ پر سياڻا لوڪ
عام جي ڀلي لاءِ ڪاريه ڪن، جنهن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي وساري
ڇڏين هميشه اهڙي چاهنا رکو ته توهين سرشٽيءَ جي لاءِ
ڪلياڻڪاري ڪاريه ڪري سگهندا ته پوءِ پاڻ کي اُن ۾ جوڙي ڇڏيو،
اُن کان پوءِ ئي روحاني جيون جو آنند ماڻي سگهندا. ان طرح جي
ڪاريه لاءِ راجا جنڪ مشهور هو سندس ذاڪ هئي ۽ پوءِ ٻيا به هن جي
راهه جا پانڌيئڙا بڻيا.

مهرشي ديانند سرسوتيءَ هڪ ئي اصول اپنايو ۽ آريه سماج جو پايو
وڌو جيئن ڪن اصولن دواران لوڪ سکي رهن، آنند ماڻين، پنهنجي
ڪاميابي ۽ اوج تي فخر ڪن ۽ روحاني راهه تي اڳتي وڌڻ لاءِ اُدم
ڪن. ان طرح سندس متو هو ”وشنو ديوا ڪٽنبا ڪم“ ساري سرشٽي
هڪ ڪٽنب جي طرح آهي.

هڪ جپاني ڪهاڻيءَ ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪيئن ننڍڙا جيو پنهنجو
پاڻ کي وساري ٻين جي سيوا ۾ هردم حاضر ٿا رهن. جپان ۾ گهر
جون ڀتيون لڪڙي جون ٺهيل هونديون آهن، جيڪي اندران پوليون
هونديون آهن. هڪ دفعي هڪ گهر ۾ مرامت جو ڪم تي رهيو هو
ڪاٺ جي ڀت جو ٻاهريون تختو کولڻ سان مڪان جي مالڪ کي اُن
خال ۾ هڪ ڪرڙي ڏسڻ ۾ آئي، جيڪا ڀت سان چنبڙي پيئي هئي
ڪيتري آواز کان پوءِ به هوءَ اُتان چري ڪانه ٿي سگهي. تڏهن اُن
جو سبب ڄاڻڻ سان ڪيس ڄاڻ پئي ته اُها ديوار ٺهڻ وقت ڪرڙي
جي پير ۾ کوکو لڳي ويو هو، جيڪو سندس پير مان پار ٿي ڀت
سان وڃي لڳو هو، جنهن ڪارڻ ڪرڙي چري پري ڪانه ٿي سگهي
مالڪ ڪم بند ڪرائي اُهو رونشو ڏسڻ تي چاهيو ته ڪهڙي ڪار
ڪرڙي جيئري رهي آهي. ڏسندي ڏسندي هن ڄاتي ورتو ته هڪ ٻي
ڪرڙي هن لاءِ وات ۾ کاڌو کڻي تي آئي ۽ اچي تي ڪيس کارايائين

و توهاڻ ڪي ۽ مون ڪي چاهي ٿو، پيار ڪري ٿو، ڪيس هر پراڻيءَ ان لڳاءُ آهي ۽ هر ڪنهن ڪي پنهنجو ڪري ٿو سمجهي. هوءَ ييسس ڪرائيسٽ طرف ڪافي مڙيل هئي ڪيس هن لاءِ اتي قرب و، ويساهه هو. اهڙو ئي ڪيس غريبن لاءِ بہ هو ئي آهي جو پيارن ي پياس مٽائي ٿو ۽ سندن اڇا پوريون ٿو ڪري.“ هن جو متو هو غريبن جي شيوا ئي مالڪ لاءِ خذمت آهي، سندس سارو جيون اُن نيدي تي پربل هو.

گرو نانڪ بابت بہ اِهو پرسڌ آهي تہ هن هڪ غريب ۽ هڪ امير ب روٽيءَ ڪي نپوري اهو ثابت ڪيو تہ وڏيڪ پاڪ ۽ شڌ ڪير آهي. و عام لوڪن جي ميڙ ۾ جنتا ڪي ڏيکارڻ لاءِ ڪيو، جڏهن غريب ب روٽيءَ مان کير نڪتو ۽ امير جي روٽيءَ مان رت جا ڦڙا. ونانڪ پوءِ عام ڪي پڪ ڏياري تہ غريب جي ڪمائي ايمانداريءَ ي هئي پر امير جي ڪمائي غريبن جو خون چوسي ڪٺي ڪيل ي.

نسان غريب ان لاءِ ڪين آهي تہ اُن وٽ ڌن پدارٿ يا شوق ڪت ڪين آهي. هو غريب تڏهن آهي جڏهن هن جو سوچ برابر هي هن ۾ دان پنج ۽ سچائيءَ جو گڻ ناهي. دنيا سان وهنوار نوڙڻ ، انسان مال اسباب کان غريب برابر ٿيندو، پوءِ بہ هو چريتر ۽ ق دواران گهڻو ڌنوان آهي. سندس اهڙن گڻن ڪي ڪير بہ ڏوڏي سگهي، جو تہ مال مطاح يا عيش عشرت جو سامان جي ڪين لوڇ رهي ۽ نہ وري گهرج. اهڙن لوڪن ڪي ڪرم يوگي چئي ٿو جي، جنهن لاءِ ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي ”ڪرم يوگي اُهو ، جيڪو اڻ هوند ۾ خوش آهي، بي فڪر آهي ۽ نہ اٿس اهنڪار، يا شوخي. نقصان جو اثر اُنهن تي ٿيندو آهي، جيڪي ڪاميابي ڪاميابيءَ جو چيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.“

اڻ هوند تہ بہ آتم وشواس

سنسڪرت ۾ ايشور کي ”دريدر نارائڻ“ ڪري چيو ويندو آهي يعني ”غريبن جو داتا يا غريب نواز“. ڪرشن پنهنجي مسڪين دوست سدِاما کي ڳلي لڳايو ۽ سندس چانورن جي چپٽيءَ مان بہ سواد ماڻيائين ۽ موٽ ۾ کيس اڌي ڇڏيائين. مهاڀارت جي يڌ سمي جڏهن ڪرشن هستناپور وريو تہ پانڊون ۽ ڪورون جو پاڻ ۾ ٺاهہ ڪرائڻ جو يتن ڪيائين. اُن سمي دريوڌن جي بدران هن وڊر جي مهمانوازي قبول ڪئي، جيڪو ڌرتراشٽر جو ماٽيجو ڀاءُ هو، جنهن کي داسي پٽر بہ چيو ويندو هو. وڊر ڪرشن جو پڪو ڀڳت هو.

ونواس وقت رام شبريءَ جي ڪٽيا ۾ پڌاريو. هن شبريءَ کي ماتا ڪري پڪاريو، جيڪو بہ ڪجهہ هن وٽ هو، هن رام کي آڇيو، رام اُهو سڀ سويڪار ڪيو ۽ کيس پنهنجي ششيا طور قبول ڪيو، اهو بہ عام طور چيو ويندو آهي تہ جيڪي آرٿڪ طور سکيم هوندا آهن، اُهي آڌياتمڪ طور امير هوندا آهن. ڪبير غريب هوندي بہ رام جي ويجهو هو، ڇو تہ هو دل جو صاف، سچو، سادگيءَ وارو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ۾ حليم هو.

جيسس کي بہ غريبن لاءِ سڪ هوندي هئي، بائيبل ۾ اٽڪل ٢٠٠ کن اهڙا بيت آهن جي مفلسن جي شان ۾ دهرايل آهن، سماجڪ نياءُ ۽ ايشور لاءِ اونهي چِڪ کيس نہ رڳو غريبن لاءِ هئي پر اُنهن لاءِ بہ هئي جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪري ٿي سگهيا. بائيبل ۾ هڪ واڪيہ آهي ”ڀاڄهارا آهن اُهي غريب جي هر اوکيءَ ويل، هن جي مهر جي لائق ٿين.“

مدر ٽيريسا جڏهن غريبن ۽ هيٺين طبقي وارن لوڪن کي مدد ڪندي هئي تہ کيس اُن مان آنند حاصل ٿيندو هو. ڪين اِهو ئي سنديش ڏيندي هئي ”مالڪ هر ويل هر ڪنهن تي مهربان آهي،

پيغمبر محمد جو بہ قول آهي ”پونجي پراپتي کو دنيا ۾ پراپتيءَ دواران کانہ ايندي، پر اُها هٿ ايندي دولاپ ۽ ننگيءَ واري سوچ سان“.
ڪبير بہ خود چيو آهي :

جڏهن ملي سنتوشي ڌن - باقي سڀ ڌن ڌوڙ برابر

پنهنجي من جي خوشي ۽ سنتوش هڪ اهڙو خزانو آهي، جنهن دواران هر طرح جي دؤلت حاصل ڪري ٿي سگهجي. اڪثر ڪري اُداس ۽ موٺا اُهي لڳندا آهن، جيڪي عيش عشرت جي چيزن جي حاصلات بنا پاڻ ۾ رنج محسوس ڪندا آهن. اهڙا طمع ۽ گهرجن جا غلام ٿيندا آهن ڪين ڳ حٿو ڪجھ ملندي بہ ڪوئي سنتوش حاصل نہ ٿيندو آهي.

رضا تي راضي رهڻ سان من جي سک شانتيءَ جي حاصلات ٿئي ٿي جنهن دواران ايشوريہ ڪرپا بہ پلئہ تي پوي. سنتوشي جيو لاءِ جو ڪجھ هن جي ارد گرد آهي هو اُن کي مالڪ جي مهر سمجهي، اُن جو آدر ٿو ڪري، سکي جيون گهاري ٿو. شانتيءَ کي وس ڪندي هو سرشٽيءَ ۾ هر سک جي اهميت کي هٿ ڪري ٿو سگهي. اهڙا ئي سنتوشي جيو سچ پچ دؤلتمند، آهن پل پوءِ بيءَ حالت ۾ پوري پني وارا يا غريبيءَ جي ريکا کان بہ هيٺ وارا جيو ڇو ڪين هجن. دنيا جي مال اسباب ۾ صرف دنيوي سک ئي عيش جو ذريعو آهي. ●●●





سمرن کيولراماڻي
عمر - ١٢ ليکڪ جي پوٽي